Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
ABC CERTIFIED
TM-Reg:465078

جلد:27 اربع 05 مارچ 2025ع بمطابق 04 رمضان المبارڪ 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 111

آءِ ايم ايف ۽ پاڪستان ۾ اقتصادي جائزي بابت ڳالهيون، ناڻي واري وزير پاران بريفنگ

ڳالهين ۾ ناڻي واري وزارت ۽ منصوبه بندي جي طرفان پيش ڪيل گرين انيشيٽو رپورٽ به غور هيٺ آئي

آءِ ايم ايف وفد کي گرين انيشيٽو تي موسمياتي تبديلي جي منصوبي جي رپورٽ پيش ڪئي

ڳالهين ۾ پي ايس ڊي پي خرچن ۽ ڪٽوتي جي باري ۾ پڻ جائزو ورتو ويو

اسلام آباد: (م ڊ) آءِ ايم ايف ۽ پاڪستان جي وچ ۾ اقتصادي جائزي جي سلسلي ۾ ڳالهيون جاري آهن. انهي سلسلي ۾ ناڻي واري وزير محمد/ڏسو صفحو 3 بقايا 35

کنڊ جي قيمت کي به پر لڳي ويا، 170 ۾ وڪرو، وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو خدشو

ڪجهه ڏينهن ۾ کنڊ ڊبل سنچري ڪري سگهي ٿي: پنجاب ڪريانه ايسوسيئيشن

حڪومتي پاليسين سبب کنڊ جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي آهي: عارف گجر

لاهور (م ڊ) کنڊ جو وڌندڙ اگهه 170 تائين وڃي پهتو ۽ اها وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو خدشو آهي. رمضان ۾ نيڪين بدران مال ڪمائڻ لاءِ کنڊ مافيا به سرگرم ٿي وئي، وزيراعظم طرفان کنڊ مهانگي ٿيڻ جو نوٽيس وٺڻ باوجود اگهه ۾ واڌ نه بيهجي/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

ڪئنالن خلاف شاگرد ميدان ۾ اچي ويا، ڄامشورو ۾ ريلي، انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو، پوليس سان چڪريون

شاگردن سنڌ يونيورسٽي جي آڳنڊ تي ڀوٽو ڀوڪي جدوجهد جي شروعات ڪئي، سينٽرل لائبريري کان انڊس هاءِ وي تائين ريلي ڪڍي وئي

سوين شاگردن انسٽيٽيوٽ آف سنڌولاجي سامهون انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل، پوليس اٽالا طلب ڪيا ويا

پوليس ۽ شاگردن وچ ۾ چڪريون، شاگردن جو ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ پوليس شاگردن مٿان لٺ بازي به ڪئي، مڇريل شاگردن پوليس موبائل تي پٿراءُ ڪيو

پوليس مظاهرين کي ڇڙوڇڙ ڪندي 15 شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو، گرفتار ساٿين جي آزادي بعد شاگردن ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو

جامشورو (شعيب حاڪم چانڊيو) سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن 4 مارچ شاگرد ڏهاڙي جي موقعي تي اچوڪو ڏينهن سنڌو درياهه جي مالڪي لاءِ جدوجهد جو ڏينهن قرار ڏيندي سنڌ يونيورسٽي جي آڳنڊ تي ڀوٽو ڀوڪي سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ واري وفاقي حڪومت جي فيصلي خلاف جدوجهد جي شروعات ڪندي سنڌ يونيورسٽي جا سوين شاگرد ٽوڙي شاگرديائيون /ڏسو صفحو 3 بقايا 33



جامشورو: شاگرد ۽ شاگرديائيون احتجاج ڪندي، چڪتاڻ جو ڏيک، پوليس روڪي رهي آهي، ٻي پاسي گرفتار شاگرد ڳالهائي رهيا آهن

ڪيو اي ٽي سربراهه پاران جامشورو ۾ شاگردن تي ٿيل بدترين تشدد ۽ گرفتارين جي مذمت

ملڪ ۾ جمهوريت نالي ۾ ڊڪٽيٽر شپ آهي، جنهن جا خطرناڪ نتيجا نڪرندا: اياز لطيف

چولستان سميت سنڌ دشمن ڪئنالن خلاف سنڌ جي ماڻهن کان پرامن احتجاج جو حق کسي نٿو سگهجي

سنڌي ماڻهن کي ديوار سان نه لڳايو وڃي، گرفتار شاگردن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي: جاري ڪيل بيان

حيدرآباد (بيورو) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي جامشورو ۾ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن پاران سنڌ دشمن 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ريلي ڪڍڻ تي پوليس جي بدترين تشدد ۽ گرفتارين جي سخت مذمت/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

آڪاش انصاري جي گهرواري گرفتار پٽ کي بي گناهه قرار ڏئي ڇڏيو

لطيف قتل ۾ ملوث هجي ها ته جنازي ۾ ڪڏهن به شرڪت نه ڪري ها: وڊيو بيان

مان ڪنهن جو نالو نه ٿي کڻان، آڪاش انصاري جي قتل جي اڻ ڌري جاچ ڪرائي وڃي

منهنجي ٻچڙي کي بچايو وڃي ڇو ته هڪ ٻچڙي جو درد هڪ ماءُ ئي ڄاڻي سگهي ٿي

بدين(رپورٽ: دودو ڀنڀور) نالي واري انقلابي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي گهرواري جي وڊيو بيان نوان سوال اٿاري ڇڏيا آهن پنهنجي جاري ڪيل مبينا بيان ۾ هن پنهنجي پٽ لطيف آڪاش کي ڊاڪٽر آڪاش انصاري/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

ڪراچي ۾ سنڌ نيوز پيپرز سوسائٽي جي آفيس ۾ شهيد صحافي تشڪيل سنڌيلو جي ياد ۾ تعزيت گڏجاڻي

تشڪيل جي خون سان انصاف، سنڌ حڪومت کان شهيد جي پوئينرن جي مدد جي گهر

گڏجاڻي ۾ مقتول صحافي جي گهرڀاتين سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

حادثي ۾ شهيد صحافي تشڪيل سنڌيلو جي ايف آءِ آر ٽيپو سلطان ٿاڻي تي اڻڄاتل ڊرائيور خلاف داخل ڪئي وئي

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) اسان مطالبو ٿا ڪريون ته تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل تشڪيل سنڌيلو جي قتل جو انصاف ڪيو وڃي. سرڪاري ادارا ۽ صحافتي تنظيمون مقتول صحافي جي خاندان جي مدد لاءِ اڳتي اچن". اهڙن خيالن جو اظهار هنن اڳاري ڏينهن ڪراچي ۾ سنڌ نيوز پيپرز سوسائٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

سنڌ جي سماجي ڀلائي کاتي واري وزير پاران اين جي اوز هيلپ ڊيسڪ جو افتتاح

اين جي اوز جي رجسٽريشن جو عمل جاري آهي: طارق علي ٽالپر

سماجي ڀلائي کاتي طرفان اين جي اوز هيلپ ڊيسڪ قائم ڪئي وئي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سماجي ڀلائي واري/ڏسو صفحو 3 بقايا 16

سنڌ نيشنل فرنٽ اڳواڻ لطيف راولاٽي ۽ شاهه عنايت شهيد سوشلسٽ فورم جي چيئرمين پاران لطيف پارڪو انب ڳوپانگ جي عيادت

سنڌو جو وهڪرو بيٺو ته سنڌ اُجڙو ٿر بڻجي ويندي: انب ڳوپانگ

جهوڪ تائين پاڻي جي رسائي اسان جي ريڊ لائين آهي: گل محمد منگي

سنڌ جو ڊيلٽا ختم ٿيڻ سبب ڪيٽي بندر، کاروڇاڻ ۽ سوڪي بندراج سمنڊ جي اندر هليا ويا: لطيف راولاٽي

ڪراچي (پ ر) دنيا جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي ته جيڪڏهن سنڌو درياءَ جو وهڪرو بيهجي ويو ته پوءِ سنڌ ۾ ايين ڊوڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ڪراچي: سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ شاهه عنايت شهيد سوشلسٽ فورم اڳواڻ انب ڳوپانگ جي عيادت ڪري رهيا آهن

پ پ وارا ڪئنال اشو تي واڳون وارا ڳوڙها وهائي رهيا آهن: ضياءُ پٽي

سنڌو ندي مان ڪنهن به ريت ڪئنال ڪڍڻ نه ڏنا ويندا

وطن سان پيار ڪندڙ ويڇا وساري ڪئنالن خلاف جدوجهد ۾ گڏ ٿين: بيان

سکر(بيوروروپورٽ) سنڌو دريا تي پهريون حق سنڌ واسين جو آهي - 6 ڪينالن جي اڏاوت جي منظوري پ پ سربراهه صدر آصف زرداري ڏني آهي/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ميهڙ ۾ ڪوسا برادري پاران قاتلن جي گرفتاري لاءِ پيادل مارچ، ڌرڻو

مقتول منور علي ۽ نثار ڪوسو جا وارث انصاف نه ملڻ تي رستن تي اچي ويا، نعريبازي

اي سيڪشن پوليس ڏيڍ سال گذرڻ باوجود مقتول ڀائرن جا قاتل گرفتار ناهن ڪيا: وارث

ٻٽي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار راشد ڪوسو، رضوان، وحيد ۽ گلزار ڪوسو آزاد گهمي رهيا آهن

ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن، تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ ۾ ڏيڍ سال اڳ مڇي جي پانڌي تان جوابدارن هٿان قتل ٿيل ٻن سڳن ڀائرن منور علي ڪوسو ۽ نثار ڪوسو جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ موتمار ڌمڪين خلاف ڳوٺ خميسو خان ڪوسي جي رهواسين مقتولن جي وارثن مختيار ڪوسو، برڪت ڪوسو، درمحمد ڪوسو اڪبر ڪوسو معصوم /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

سکر ۾ سماجي تنظيم پاران منشيات خلاف واڪ

اڳواڻي شفيع بخاري، زبير مهر ۽ ٻين ڪئي، منشيات لعنت خلاف نعريبازي

وڌندڙ منشيات جي استعمال ۽ وڪري کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن: شفيع بخاري

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) نوگز پيپر ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران منشيات خلاف هڪ آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سول/ ڏسو صفحو 3 بقايا 20

آئيں مل کر منشیات کا خاتمہ کریں۔
Drug Free City
ڈپٹی کمشنر سکھر

سکر: سماجي تنظيم پاران منشيات جي وڪري خلاف آگاهي ريلي ڪڍي پئي وڃي

وفاق ۽ صوبائي حڪومتون مهانگائي جون ذميوار آهن: سردار عبدالرحيم

حڪومتي ادارن ذخيرون ڪندڙن کي ڪلي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي: ف ليگ اڳواڻ

روزيدارن کي ٻنهي هٿن سان ڦريو پيو وڃي، ڪير نوٽيس وٺڻ وارو ناهي: بيان

ڪراچي(رپورٽ امداد سومراهه) پاڪستان مسلم ليگ/ڏسو صفحو 3 بقايا 32

سنڌ جي انساني حقن واري کاتي پاران هينڊز فائونڊيشن جي خدمتن جي اعتراف ۾ تقريب

سماجي خدمتن عيوض چيئرمين ڊاڪٽر سعيد عالم کي تعريفي ايوارڊ پيش

تقريب ۾ هينڊز فائونڊيشن جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر شيخ تنوير پڻ موجود هو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) : سنڌ حڪومت جي انساني حقن/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

شاگردن تي تشدد آمراڻو قدم آهي: نواز خان زنئور

حڪومت خراب حڪمراني جو بدترين مثال بڻجي وئي آهي

درياهه تي ڪنهن کي به ڏاڙو هڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين: جاري ڪيل بيان

حيدرآباد (بيورو) جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

بشريٰ بي بي مشعال يوسفزئي کي ترجمان واري عهدي تان هٽائي ڇڏيو

نعيم پنجوٿا، مبشر اعوان، خالد يوسف ۽ راءِ سلمان فوڪل پرسنز مقرر

ملاقات دوران پي ٽي آءِ باني، بشريٰ بي بي ۽ پارٽي قيادت موجود هئي: وڪيل

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

وڏي وزير وقار مهدي جي ڳوٺالا فنڊ لاءِ اماڻيل درخواست منظور ڪري ورتي

سيد مراد علي شاهه اقليتي معاملن بابت خاص مددگار کي خط موڪلي ڇڏيو

هميشه نيڪ نيتيءَ سان اقليتن لاءِ ڪم ڪيو آهي: ڊاڪٽر لال چند

سکر(بيوروروپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

باقراڻي لڳ شهيد ٿيل اهلڪار جو ڪيس سرڪاري فرياد تي داخل

شهيد جو مڙهه سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ايس ايچ او جي اڳواڻي ۾ سلامي لاءِ ويل دستو اڻڄاتل سبب واپس موٽي آيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) باقراڻي ٿاڻي جي حد ۾ لاڳاپيل ٿاڻي جو ٿي شهيد پوليس اهلڪار رفيق احمد شيخ آلين اکين ۽ سڏڪن سان مٽيءَ ماءُ حوالي،/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

سعودي عرب سميت وڌيڪ 19 ملڪن مان 93 پاڪستاني بيدخل

ملائيشيا، سينگاپور، مراڪش، عمان مان پاڪستانين کي ڪڍيو ويو

ڪجهه ڪراچي پهتل پاڪستانين کي ايف آءِ اي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

اسلام آباد: (م ڊ) سعودي عرب، ملائيشيا، سينگاپور، مراڪش سميت 19 ملڪن مان 48 ڪلاڪن ۾ وڌيڪ 93 پاڪستانين کي بيدخل ڪيو/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

نيوسعيدآباد لڳ قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي جو ڪيس داخل

ڪيس مقتول ايم سليم راجپوت جي پيءُ جي فرياد تي داخل ڪيو ويو

نيوسعيدآباد ٿاڻي تي داخل ڪيس ۾ ٽرالر ڊرائيور کي نامزد ڪيو ويو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

احتجاجي ڪيمپ
چار مارچ شاگردن جي جدوجهد کي سرخ سلام

ڪراچي: چار مارچ جي حوالي سان شاگردن پاران ڪراچي پريس ڪلب اڳيان قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ

ڏهرڪي انتظاميه پاران عوام لاءِ بچت بازار قائم، خريدارن جي پيهه

سرندي وارن جي تعاون سان عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ بچت بازار لڳائي وئي

بچت بازار ۾ ڀاڄين، ميون، گوشت سميت کاڌي پيتي جي شين جا اسٽال لڳايا ويا آهن

ڏهرڪي(وجي ڪمار) ڏهرڪي ۾ انتظاميه پاران عوام/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

دادو ڀرسان ٽن پورهيتن جي گهرن کي باهه، سامان سڙي رک

ڳوٺ سيال ۾ نواب چانڊيو، سائين بخش ۽ سوڍل جي گهر کي باهه لڳي

پورهيت خاندان کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل، مدد جي اپيل

دادو(ڊ ر): دادو ڀرسان ڳوٺ سيال ۾ گهر اندر چلهه مان/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

قاضي احمد ڀرسان اٽ گاڏي جي ٽڪر ۾ نينگري فوت

ڳوٺ پانڌي ماڇي ۾ ستن سالن جي سڄڻ سولنگي دم ڏنو

اسپتال مان ضروري ڪارروائي کان پوءِ مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

قاضي احمد (غلام حسين راهو)قاضي احمد ويجهو /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

قائدآباد ۾ ڦرجي ڪوشش، مزاحمت تي هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڦورن هٿان مارجي ويل جي سڃاڻپ محمد عمران نالي سان ٿي

ملير(ڊ ر) ملير جي علائقي آباد پل جي هيٺان سليندر /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

سنڌ حڪومت پاران ٽرانسپورٽ کاتي جي زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ جو حڪم

سينيئر وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس، يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جو جائزو

ٽرانسپورٽ کاتي جون سموريون زمينون فوري طور تي خالي ڪرائي رپورٽ پيش ڪئي وڃي: صوبائي وزير

ڪراچي واسين کي هڪ جديد ۽ اثرائتو پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم فراهم ڪيو وڃي: اجلاس ۾ هدايتون

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ جي ترجمانن جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ٽرانسپورٽ کاتي کي سڄي سنڌ ۾ کاتي جي ملڪيتي زمينن تان قبضا خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

مرغي جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي، ڪلو 9 سئو ۾ وڪرو

اسلام آباد (م ڊ) رمضان المبارڪ جي ڀلاري مهيني ۾ به منافعي خور نه مڙيا ۽ ڪڪڙ جي گوشت جو اگهه آسمان تي پهچائي ڇڏيو. اسلام آباد ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

آءِ ايم ايف پروگرام جي منظوري لاءِ مون ۽ آرمي چيف دوست ملڪن جا دورا ڪيا: وزيراعظم

معاشي استحڪام ۽ آءِ ايم ايف پروگرام ۾ رڪاوٽون ختم ڪرڻ لاءِ مان ۽ آرمي چيف دوست ملڪن وٽ وياسين

فلسطيني ۽ ڪشميري عوام سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪرڻو پوندو، جو ته غزه ۾ 50 هزار کان وڌيڪ بيگناهه شهيد ٿي چڪا

حڪومت جي گڏيل ڪوششن سان ملڪ کي ڏيوالي کان بچايو، هاڻي عالمي ادارا به مڃي رهيا آهن ته پاڪستان جي معيشت هاڪاري رخ ۾ اڳتي وڌي رهي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جو سفر خوارج جي خاتمي تائين ممڪن ناهي، معاشي استحڪام/ڏسو صفحو 2 بقايا 34

ڪراچي: شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ يلو لائين بي آر ٽي منصوبي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ حڪومت سنڌ جي ترجمانن جو اجلاس

سنڌ ۾ بنيادي سهولتن تي سڀ کان وڌيڪ ڪم ٿيو آهي: شرجيل ميمڻ

هن وقت به سنڌ حڪومت 21 لک ماڻهن کي گهر ناهي ڏئي رهي آهي: خطاب

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ حڪومت سنڌ جي ترجمانن جو اهم اجلاس ڪراچي /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

پ پ چيئرمين ۽ خاتون اول ڪراچي جي علائقي پراڻي گوليمار پهتا، عبدالله ۽ ناز بلوچ سان ڏک ونڊيو

بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري ناز بلوچ سان سندس پٽ ابراهيم بلوچ جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو

پ پ چيئرمين ۽ خاتون اول سنڌ حڪومت جي ترجمان عبدالله بلوچ سان پڻ پاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري مرحومن جي بلند درجن لاءِ فاتحه خواني ۽ وارثن لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري جي ضلعي ڪياماڙي جي علائقي پراڻو گوليمار ۾ سابق صوبائي وزير عبدالله بلوچ ۽ ناز بلوچ جي رهائشگاهه پهتا. پ پ چيئرمين/ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ايس ٽي پي چيئرمين پاران شاگردن تي ٿيل پوليس تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت

ڪئنالن خلاف آواز اٿارڻ هر سنڌي جو فرض آهي، تشدد آمراڻو قدم آهي: قادر مگسي

اڳ بلوچستان ۽ ڪي پي ۾ حالتون خراب آهن هاڻي سنڌ جون حالتون به خراب ڪيون پيون وڃن

سنڌ حڪومت رياستي ادارن جي ڏاڍ ذريعي ختم ڪرڻ جي غلطي ڪري رهي آهي: جاري ڪيل بيان

حيدرآباد (بيورو) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جامشوري ۾ شاگردن پاران سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍي سنڌ سڪائڻ جي سازش خلاف پرامن احتجاج تي پوليس پاران تشدد، لاٺي چارج، فائرنگ ۽ شيلنگ/ڏسو صفحو 3 بقايا 41

PAK
Digital Media

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ حنفيہ)

افطاري: بروز اربع	6 لڳي 37 منٽ
سحري: بروز خميس	5 لڳي 33 منٽ

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ جعفريہ)

افطاري: بروز اربع	6 لڳي 47 منٽ
سحري: بروز خميس	5 لڳي 23 منٽ

لاڙڪاڻي ۾ فائرنگ جو زخمي اسپتال ۾ فوت، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

حد جي ٿاڻي تي اين سي داخل، پوليس شڪ جي بنيادن تي ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

ٽراما سينٽر جي ڊاڪٽرن ۽ عملي جي غفلت سبب پٽ بچي ناهي سگهيو: ممتاز علي اوڊو

ڊاڪٽرن ۽ عملي خلاف ڪارروائي ڪري مقتول جي خون سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو: اوڊا برادري پاران لاش رکي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي شاهه بهارو ڪالوني جي رهواسين طرفان نامعلوم هٿياربندن جي مبينا فائرنگ ۾ زخمي ٿيڻ بعد اسپتال ۾ فوت ٿي ويل پورهيت جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

ڪوهسار مري، گليات، وادي ڪاغان، ناران ۽ آزاد ڪشمير جي وادي نيلم ۾ برفباري، لاهور ۾ وقفي وقفي سان برسات

لاهور: (م ڊ) صوبائي راڄڌاني لاهور ۾ گذريل رات وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهيو جنهن سبب رمضان جي مهيني ۾ موسم خوشگوار/ڏسو صفحو 3 بقايا 43

سچل ڳوٺ ۾ عوامي جمهوري پارٽي پاران 4 مارچ حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي

شاگرد ملڪ ۽ قوم جا پلر آهن انهن کي پنهنجي صفن ۾ مضبوط ٿيڻو پوندو: گلاب راءِ

چار مارچ جي شاگرد جدوجهد جي نوجوانن کي سرخ سلام پيش ڪيون ٿا: ڪاشف ابڙو/ جاويد چنو

جامشوري ۾ شاگردن تي ٿيل تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: غلام قمبر حاجاڻو جو خطاب

ڪراچي اوير (ن پاڪ) ڪراچي سچل ڳوٺ ۾ سچل آرڪيڊ/ڏسو صفحو 3 بقايا 44

ميهڙ مان 10 ڏينهن اڳ لاپتا ٿيل نوجوان جو پتو نه پيو

ڀنڊ پاڙي واسي بلاول جويو جي ڳولا جاري، وارث پريشان

بي سيڪشن ٿاڻي تي اطلاع ڪيو آهي، مدد ڪئي وڃي: وارث

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ جي ڀنڊ محلي مان گهران نڪتل/ڏسو صفحو 3 بقايا 47

اڪبر ايس بابر پي ٽي آءِ کي غير قانوني پارٽي قرار ڏئي ڇڏيو، سمورا اڪائونٽ بند ڪرڻ جو مطالبو

اسلام آباد: (م ڊ)تحريڪ انصاف جي ناراض اڳواڻ اڪبر ايس بابر چيو آهي ته پي ٽي آءِ هڪ غيرقانوني/ڏسو صفحو 3 بقايا 45

پورٽ قاسم گيٽ نمبر 2 ڀرسان حادثو، موٽرسائيڪل سوار فوت

فوتي شخص جي سڃاڻپ يحيٰ پٽ عرفان جي نالي سان ٿي آهي: پوليس

بن قاسم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ملير(ڊ ر) پورٽ قاسم گيٽ نمبر 2 ويجهو روڊ حادثو/ڏسو صفحو 3 بقايا 48

پاڪستان ۾ عيد الفطر 31 مارچ تي ٿيڻ جو امڪان

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان ۾ رمضان المبارڪ جو پهريون/ڏسو صفحو 3 بقايا 46

سکر انتظاميه ايڪشن ۾، رمضان آرڊيننس جي ڀڃڪڙي ڪندڙ 4 گرفتار، 71 هزار ڏنڊ وصول

ڪامورن روهڙي، پنو عاقل، نيو سکر، سکر سٽي، ۽ صالح پٽ تعلقن ۾ وڏي پيماني تي معائنا جاري رکيا

مجموعي طور تي ضلعي ۾ 6 هوٽلن تي رمضان آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪرڻ تي 12,000 رپيا ڏنڊ مڙهيو ويو

مختيارڪار نيو سکر پڻ سخت ڪارروائي ڪندي هڪ شخص تي 25,000 رپيا ڏنڊ سميت ڪيس هڪ ڏينهن لاءِ جيل موڪلي ڇڏيو

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) احترام رمضان آرڊيننس ۽ قيمتن جي ضابطن جي پاسداري يقيني /ڏسو صفحو 3 بقايا 49

هر اسٽوري ۽ اخبار فيس بُڪ تي
صبح سوير ويب سائيٽ تي
www.dailypak.net
روزاني پاڪ ڪراچي هاڻي هڪ وک اڳتي
صبح سوير هر گروپ ۾ PDF
هر خبر يوٽيوب تي
PAK DIGITAL MEDIA
Follow us on: daily pak karachi

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

اربع 05 مارچ 2025ع بمطابق 04 رمضان المبارڪ 1446هه

EDITORIAL

سنڌ جي ملڪيتي زمينن تان قبضا خالي ڪرائڻ جو حڪم

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ٽرانسپورٽ کاتي کي سڄي سنڌ ۾ کاتي جي ملڪيتي زمينن تان قبضا خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته ٽرانسپورٽ کاتي جون سموريون زمينون فوري طور تي خالي ڪرائي رپورٽ پيش ڪئي وڃي. ڪراچي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جي ڪم ۾ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ سيڪريٽري اسد ضامن، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال دايو يلو لائن بي آر ٽي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ يلو لائن منصوبي جي مختلف ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي چئلينجن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. جڏهن ته يلو لائن منصوبي ۾ شامل پلن ۽ ڊيپوز جي تعميراتي ڪم جي اڳڀرائي جو به جائزو ورتو ويو اجلاس دوران شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته ٽرانسپورٽ کاتي جي ملڪيتي زمينن تي ٿيل قبضا جلد کان جلد ختم ڪرايا وڃن. هن سرڪاري ادارن طرفان ٽرانسپورٽ کاتي جي زمينن تي قبضي کي افسوسناڪ قرار ڏيندي چيو ته ٽرانسپورٽ کاتي جي زمينن تي ڪجهه سرڪاري ادارن جو قبضو افسوس جوڳي ڳالهه آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته يلو لائن بي آر ٽي، ڪراچي موبلٽي پروجيڪٽ جو هڪ اهم حصو آهي، جنهن جو مقصد شهر جي ٽرانسپورٽ نظام کي جديد بڻائڻ آهي. هن چيو ته يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جو اهم حصو جام صادق پل، مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪيو ويندو. سنڌ حڪومت پرعزم آهي ته ڪراچي واسين کي هڪ جديد ۽ اثرائتو پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم فراهم ڪيو وڃي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته يلو لائن بي آر ٽي هڪ اهم عوامي ٽرانسپورٽ منصوبو آهي، جنهن جو مقصد شهرين کي جديد ۽ سستي سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. هن سيني لاڳاپيل ڌرين کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن منصوبو تيزيءَ سان مڪمل ٿي سگهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان ڪراچي جي ٽرانسپورٽ واري نظام تي پيل دٻاءُ گهٽجي ويندو ۽ مسافرن کي سهولت ملي سگهندي. حڪومت سمورين رڪاوٽن کي ختم ڪري منصوبي کي مقرر وقت تي مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. اجلاس دوران پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي يلو لائن بي آر ٽي جي تازي صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو ته منصوبي وقت سر مڪمل ڪرڻ لاءِ ان تي تعميراتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهي. هن اجلاس کي آگاهي ڏني ته يوٽيلٽيز جي منتقلي بابت ڪجهه چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جن کي جلد کان جلد حل ڪيو پيو وڃي. هوڏانهن سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ حڪومت سنڌ جي ترجمانن جو اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو اجلاس ۾ سنڌ سرڪار جي ترجمانن هير سوهو نادر نبيل گبول، سمعتا افضال سيد، سعديه جاويد، بلند خان جوڻيجو سُکديو آسرداس همناڻي، مخدوم فخر زمان، عبدالواحد هاليپوٽو ۽ تحسين عابدي شرڪت ڪئي. جڏهن ته سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمان ميمڻ، ڊائريڪٽر اطلاعات محمد يوسف ڪابورو ۽ سارنگ لطيف چانڊيو پڻ اجلاس ۾ موجود هئا. اجلاس ۾ پيپلز هائوسنگ اسڪيم، اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي، پيپلز بس سروس، پنڪ بس سروس، شاهراهه ڀٽو، آٽزم سينٽرز سميت سنڌ حڪومت جي ٻين اهم رٿائن جي تشهير تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. اجلاس ۾ ڳالهائيندي، سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ، ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ پاڪستان جو واحد صوبو آهي، جتي عوام جي صحت ۽ بنيادي سهولتن تي سيني کان وڌيڪ ڪم ڪيو ويو آهي. هن چيو ته هن وقت به سنڌ حڪومت 21 لک ماڻهن کي گهرڻاهي ڏئي رهي آهي، ۽ جيڪي بجلي جو بل ادا ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن، انهن کي سنڌ سرڪار طرفان سولر سسٽم فراهم ڪيا پيا وڃن، ته جيئن اهي مفت ۾ بجلي حاصل ڪري سگهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته ترجمان هر کاتي جي ڪارڪردگي عوام جي آڏو آڻين

پاڪستان لاءِ ماحولياتي خطرا ۽ مالياتي حفاظت!

علي اشعر جعفري

ماحولياتي تبديلي هڪ اهم عالمي مسئلو بڻجي چڪو آهي، جنهن جا ماحولياتي نظام، معيشتن ۽ معاشرن تي شديد اثر پئجي رهيا آهن. پاڪستان جي هاڻوڪي صورتحال موجب، اسانجي ملڪ جو دنيا جي 10 سڀ کان وڌيڪ موسمياتي اثرن ۽ هاڃيڪارين جو شڪار ۽ شديد قسم جي مالياتي خطرن وارن ملڪن ۾ شمار آهي. جنهن ۾ خاص طور تي زراعت تمام وڏن گهوٽالن جو شڪار بنجڻ وڃي رهي آهي (جيڪو پاڪستان جي جي ڊي پي جو 24 سيڪڙو حصو آهي). ملڪ لاءِ اهڙي قسم جي انتهائي ڳڻتي واري صورتحال ۾ مالياتي سرشتي ۽ بينڪاري جي نظام کي ملڪ لاءِ بهتر ۽ وڌيڪ مددگار بنائڻ لاءِ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان بينڪن تي دٻاءُ وڌو پيو وڃي ته هو موسمياتي خطرن کي قرض ڏيڻ جي حڪمت عملي ۾ ضم ڪن پر ان جي باوجود مشڪلاتون برقرار آهن. جيئن ڊيٽا ۾ فرق ۽ ريگوليٽري غير يقيني صورتحال انتهائي اهم آهن. سال 2022 ع ۾ ٻوڏن سان پاڪستان ۾ 5 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي. جڏهن ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ موجب جيڪڏهن نقصانن کي گهٽ ڪرڻ بابت قدم نه کنيا ويا ته 2050 ع تائين جي ڊي پي کي 7.5 سيڪڙو نقصان ٿي سگهي ٿو.

پيرس معاهدو 2015 ع ۽ ٽاسڪ فورس آن ڪلائيمنٽ (TCFD)موجب مالياتي ادارن جي شفافيت ۽ رسڪ مينيجمينٽ تي زور ڏنو وڃي ٿو ته جيئن هو واقعاتي ((مثلا : سيلاب، خشڪ سالي) ۽ منتقلي(مثلا : ريگوليٽري تبديليون، ٽيڪنيڪي تبديلين) ٻنهي تي غور ڪن. هڪ مطالعي جي نتيجن خبردار ڪيو آهي ته، گهٽتائي بنا2100 ع تائين عالمي جي ڊي پي 18 سيڪڙو تائين گهٽجي سگهي ٿي. پاڪستان ۾ اهي خطرا خاص طور تي زراعت، توانائي ۽ بينڪنگ جي شعبن لاءِ وڏي ويا آهن.موسمياتي تبديلين جي آب و هوا تي سڌو سنئون اثرن سان گرمي پد ۾ اضافي ۽ لکون لڳڻ ۽ گرمي جون لهرون وڌڻ سان گليشيئرز جي تيزي سان ڳرڻ سان ٻوڏون اچڻ، وڌيڪ برساتن سان سيلاب ۽ وڌندڙ سمنڊ جي سطح منتقلي جا خطرا وڌي ويا آهن. خاص طور تي سڀ کان وڌيڪ خطرن وارا شعبا جن ۾ زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ، جنگلات ۽ ماهي گيري، صنعتي پيداوار، تعميرات ۽ توانائي ۽ پاڻي جي فراهمي ۽ ٻيا ذريعا شامل آهن.

ٽاسڪ فورس آن ڪلائيمنٽ ريليٽيڊ فنانسنگ (ٽي سي ايف ڊي) هن ڳالهه تي روشني وجهي ٿي ته عالمي سطح تي 60 سيڪڙو موسمياتي خطرن جي نقصانن کي وڏيون ڪارپوريشنون منهن ڏيئي رهيون آهن. جڏهن ته پاڪستان جهڙين اڀرندڙ معيشتن وٽ اڃا به انگن اکرن بابت تمام وڏي کوٽ ۽ خلا موجود آهي. مالياتي نمونن جي سامهون اچڻ سان ايندڙ حالتن جي انديشن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ اهي مالياتي نمونا انهن خطرن کي گهٽائڻ لاءِ هڪ مددگار ۽ سهولتون پيدا ڪرڻ جو سبب بنجي سگهن ٿا. هنن سان ادارن جي ساخت ۽ انهن جي منتقلي جي ٻنهي قسم جي خطرن جي معاشي اثرن جو اندازو لڳائڻ ۾ مدد ملي ٿي. جيئن جيئن دنيا ۾ موسمن جي شدت وارا خطرا وڌي رهيا آهن ته مرڪزي بئنڪ ۽ ريگوليٽرز طرفان دنيا ۾ موسمياتي خطرن کي مالياتي سرشتي ۾ ضم ڪيو پيو وڃي ته جيئن استحڪام کي يقيني بڻايو وڃي. پاڪستان ۾ موسمياتي خطرن واري صورتحال ۾ مالياتي خطرا وڌي ويا آهن ۽ بينڪاري ۽ مالياتي معاملن جي حوالي سان ڪريڊٽ بابت آب و هوا جي ڪري رڪاوٽون وڌي ويون آهن جنهن ۾ مارڪيٽ ۾ موسمياتي واقعن جي سبب اثاثن جي ٻيهر قيمت جو تعين ٿيڻ. آپريشنل شعبي ۾ سپلائي چين ۽ سهولتن ۾ رڪاوٽون پيدا ٿيڻ،ليڪويڊيٽي جي شعبي ۾ سرمائي جي طلب ۾ اضافو ٿيڻ ۽ ساک جي حوالي سان مالياتي شعبي ۾ قانوني معاملن ۽ عوامي جانچ جي حوالي سان انديشا ۽ مالياتي خطرا وڌي ويا آهن. انهن خطرن لاءِ شعبن ۽ ادارن جي لچڪ جو اندازو لڳائڻ ۾ مالياتي ڇڪتاڻ جا ٽيسٽ مدد ڪن ٿا. جڏهن ته اثاثن جي قيمتن ۽ مارڪيٽ جي قيمتن ۾ مخصوص اوڻائين جي پڻ نشاندهي ڪن ٿا.

پاڪستان ۾ 2022 ع ۾ موسمياتي نقصانن، سيلاب جي نتيجي ۾ 29 ارب آمريڪي ڊالر جو نقصان ٿيو جڏهن ته (1992_2021) ۾ آيل سيلاب جي نتيجي ۾ 15.2 ارب آمريڪي ڊالرن جو معاشي نقصان ان کان الڳ ٿيو هو اهڙي قسم جي صورتحال ۾ پاڪستان جهڙي ملڪن لاءِ موسمياتي تبديلين جي خطرن واري صورتحال لاءِ مفيد مالياتي نمونا ضروري آهن.اهڙن مالياتي نمونن جي جوڙجڪ ۽ خطرن ۽ نقصانن واري صورتحال ۾ پاڪستاني بينڪن جي بينڪاري سرشتي ۾ موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ لچڪ پيدا ڪري سگهجي ٿي ۽ پائيدار سرمايه ڪاري کي هٿي ڏيئي سگهجي ٿي ۽ وڌيڪ مستحڪم، موسمياتي لچڪدار مستقبل کي محفوظ بڻائي سگهجي ٿو.

مصنف علي اشعر جعفري، گروپ هيڊ (آئي ٽي ايڊمنسٽريشن،انجنيئرنگ پروجيڪٽس ۽ بي سي پي) بينڪ الحبيب لميٽڊ، پاڪستان ۾ گرين بينڪنگ سان منسلڪ آهي ۽ ملڪ ۽ بين الاقوامي ادارن ۾ خدمتن جو 24 سالن جو تجربو حاصل آهي.

پابندي مڙهيل تنظيمون ۽ رياست جي پريشاني

رياض ابڙو

پاڪستان اندر پابندي مڙهيل تنظيمن جون سرگرميون عالمي برادريءَ کي افغانستان ڏانهن آڱريون آڻڻ تي مجبور ٿيون ڪن، جنهن جو اهو اشارو آهي يا ڏسي رهيون آهن ته دهشتگردن جا ٺڪاڻا اتي ئي آهن. پر افغان طالبان اڳواڻ پاڪستان تي زور پري رهيا آهن ته هو گڏجي امن لاءِ ڳالهيون ڪن ۽ انهن پائرن (ٽي ٽي پي) کي صلاح ٿا ڏين، جيڪي سائن وڙهندا رهيا آهن. سي گڏ ٿين ۽ ڳالهيون ڪن. افغان طالبان خانگي طور تي پاڪستان ۽ ٽي ٽي پي تي زور ڏئي رهيا آهن ته هو سڌيءَ طرح ڳالهين ۾ شامل ٿين ته جيئن ٻن ڏهاڪن کان جاري تڪرار کي ختم ڪيو وڃي، جنهن ۾ هزارين جانيون ضايع ٿيون ۽ قبائلي علائقي ۾ ماڻهو وڏي پشيماني تي بي گهر ٿيا. پر اهو ٻهريون پيرو آهي ته افغان طالبان ان موضوع تي عوامي سطح تي ڳالهائڻ جو اشارو ڏنو آهي، جنهن نه رڳو انهن جي وچ ۾ سڌي سنئين رابطي جو مطالبو ڪيو آهي، پر ان شدت پسند تنظيم کي به چڪايو آهي. افغان عبوري حڪومت پاران ماضي ۾ ٻنهي جي وچ ۾ ڳالهين کي سهولتون ڏيڻ جي ڪوششون ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ پاڪستان کي طالبان کي پناهه ڏيڻ جو الزام ڏيڻ ۽ شدت پسند تنظيم جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ زور پريو هيو. پر افغان طالبان ان ڳالهه کي سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيو هيو ته ٽي ٽي پي افغان سرزمين استعمال ڪري رهي آهي ۽ پاڪستان تي زور پريو هيو ته هو پنهنجي اندروني سلامتي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي اندر ۾ به ڏسن. پر ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپا ان وقت کان ڇڪتاڻ جو شڪار ٿيا هيا، جڏهن کان مارچ 2024 ۾ اتر وزيرستان ۾ هڪ اوچتي بمباري ۾ پاڪستان جي ست فوجين جي موت جي بدلي ۾ خوست ۽ پڪتيڪا ۾ هوائي حملا ڪيا ويا هئا.

جنگ ۾ ڪو انقلاب ناهي، جنگيون ۽ انقلاب پنهنجي پويان بيواهه ۽ يتيم ڇڏي ٿا وڃن، ۽ معيشت کي به تباهه ٿيون ڪن. هاڻي دنيا سمجهي ٿي ته افغانستان ۾ دهشتگرد موجود آهن ۽ القاعده به موجود آهي. پر طالبان پوءِ به دعويٰ ڪن ٿا ته افغانستان ۾ القائده جو هڪ به ميمبر ناهي. حيرت اها به آهي ته پاڪستان وٽ ڏهه لک مضبوط فوج هئڻ جي باوجود به هو پنهنجي مخالفن کي ختم نه ڪري سگهيا. اهڙي طرح ٽي ٽي پي پڻ هن جنگ کي کٽي نه سگهي. پر افغان طالبان جنگ کٽي سگهن ٿا ڇو ته پوري افغان قوم سندن سان گڏ آهي، کين کاڌو ۽ پناهه ڏئي ٿي ۽ ٽي ٽي پي ان کي جهاد يا جنگ چئي ٿي، جيڪڏهن اهي نظام (رياست) جي خلاف وڙهندا رهيا آهن، پوءِ به اهي سؤ سالن تائين نظام سان وڙهندا رهندا. پاڪستان ۾ تڪرار جي شدت افغانستان جي صورتحال تي اثر انداز ٿئي ٿي. اهو فوري طور تي واضح نه ٿي سگهيو آهي ته ڪنهن اعليٰ شخصيت کي ڪنهن مسئلي تي ڳالهائڻ جي ترغيب ڏني وڃي، جنهن تي افغان قيادت پنهنجي حساسيت جو حوالو ڏيندي عوامي سطح تي بحث ڪرڻ کان پاسو ڪري رهي آهي. پاڪستان جي بيان ڪيل پاليسي هن وقت تائين اها رهي آهي ته اها ٽي ٽي پي سان ڪنهن به سڌي طرح ڳالهين ۾ شامل نه ٿيندي توڻي جو افغان (عبوري) حڪومت دوحا معاهدي جي شرطن تحت ٽي ٽي پيءَ خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي مجاز آهي. ذريعن موجب پاڪستان بيشام ۾ چيني ڪارڪنن جي قتل ۾ ٽي ٽي پي جي ملوث هجڻ جا ثبوت گڏ ڪيا هيا، جيڪي بيجنگ سان شيئر ڪيا ويا، ۽ امڪاني طور تي افغان سرڪار کي موڪليا ويا.

پاڪستان سڌي ريت افغان طالبان ۽ حڪومت کي دهشتگرد حملن جو ذميوار قرار ڏئي ٿي. آءِ ايس پي آر پاران جاري ڪيل بيان ۾ اتر وزيرستان ۾ دهشتگرد حملي ڪانپوءِ جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته افغان عبوري حڪومت نه رڳو دهشتگردن کي هٿيار فراهم ڪري رهي آهي، پر ٻين دهشتگرد تنظيمن کي محفوظ پناهه گاهه پڻ فراهم ڪري رهي آهي ۽ پاڪستان ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ ملوث آهي. پاڪستان افغان طالبان جي ڪجهه ڪمانڊرن تي ٽي ٽي پي کي پراڪسي طور استعمال ڪرڻ جو الزام پڻ لڳايو آهي. اها يقينن هڪ سنگين صورتحال آهي، ته سرحد پار دهشتگرد حملن ۾ افغان طالبان جي ٽي ٽي پي سان ملوث هجڻ جا پڻ پختا ثبوت مليا آهن. گذريل سال سوين ويڙهاڪن سرحد پار ڪري چترال ۾ پاڪستان جي سيڪيورٽي پوسٽن تي قبضو ڪيو هيو پاڪستان ۾ سيڪيورٽي فورسز لاءِ هڪ ٻيو بنيادي خدشو اهو آهي ته شدت پسند نيٽو فوجن ۽ اڳوڻي افغان فوج پاران ڇڏيل جديد هٿيارن تي هٿ رکي رهيا آهن. سندن ڊگهي لاڳاپن ۽ نظرياتي قربت جي ڪري، افغان طالبان پنهنجن ساٿي جهادين خلاف ڪارروائي نه ڪندا. ان جي بدران انهن جو اصرار آهي ته اسلام آباد ان گروپ سان صلح ڪري، جيڪو پاڪستان ۾ هزارين ماڻهن جي قتل جو ذميوار آهي. درحقيقت پاڪستان کي قائل ڪرڻ لاءِ سفارتي ڪوشش جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ پاڪستان وٽ ڪجهه آپشن آهن.

هڪ وسيع انتشار جا اثر ملڪ جي اندروني ۽ بيروني سلامتي لاءِ تباهه ڪندڙ هوندا. اسان کي افغان طالبان تي دٻاءُ ضرور رکڻ گهرجي پر سفارتي ڪوشش تي دروازا بند نه ڪرڻ گهرجن. گهٻرائڻ واري رد عمل جي بدران اسان کي وڌيڪ عقلي طور تي سوچڻ گهرجي. ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته افغان طالبان جي اقتدار ۾ واپسي پاڪستان ۾ دهشت گردي جي بحاليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. تنهن هوندي به پاڪستان جي طرف کان هڪ مربوط حڪمت عملي جي غيرموجودگي پڻ ٽي ٽي پي کي وڌڻ جي اجازت ڏني آهي. ٽي ٽي پي ويڙهاڪن جي ڪيترن ئي سرحدي ضلعن ۾ واپسي ۽ سيڪيورٽي چيڪ پوسٽن قائم ڪيون آهن. اهو تقريبن فوجي آپريشن کان اڳ واري صورتحال آهي. اها شايد وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ويڙهاڪ بهتر منظم نظر اچن ٿا. هن پيري ته جديد هٿيارن سان سيڪيورٽي فورسز جي خلاف حملا ڪيا پيا وڃن. جيڪي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي عسڪري حڪمت عملي تي سوالن کي جنم ڏئي رهيا آهن. ڇو جو وڌندڙ سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام پڻ شدت پسند گروپ کي متحرڪ ڪري ڇڏيو آهي.

خالد خراساني ٽي ٽي پي جو خوفناڪ ڪمانڊر گهڻو ڪري مارجي ويو آهي يا جي نه ته پوءِ شدت پسنديءَ جي هن اهم ۽ پُرتشدد زندگيءَ کان ٻاهر آهي. هاڻي سوال اُڀري رهيا آهن ته امن جي عمل جي حيثيت ڪهڙي آهي، جو رياست پابندي مڙهيل تنظيم خراساني سان واسطو رکي رهي آهي. جنهن کي افغانستان جي پڪتيڪا ۾ بم ڌماڪي ۾ ماريو ويو. دهشتگرد گروپ سان تعلق رکندڙ ٻين ڪيترن ئي شخصيتن سان گڏ خراساني جيڪو ڪي پي ڪي جي مهمند قبائلي ضلعي ۾ پيدا ٿيو هيو عبدالولي ٽي ٽي پي جو باني ميمبر ۽ پاڪستان سان امن جو سخت مخالف هيو ۽ جماعت الاحرار گروپ جي اڳواڻي ڪندو هيو هن خود ساخته اسلامي رياست جي بيعت پڻ ڪئي هئي، خراساني هن ملڪ جي خلاف خوني حملن جي هڪ ڊگهي لسٽ جو ذميوار پڻ هيو تنهن ڪري جڏهن ڪجهه ڪيس ياد ڪندا ته انتهائي دهشتگرد سمجهي ڪندا هوندا. ان جي قتل جي ڪري ٿي سگهي ٿو ته ٽي ٽي پي سان ڳالهين تي اثر پوي. ٻهريون سوال اهو ٿو اڀري ته ان جي خاتمي جو ذميوار ڪير هيو؟ هن نقطي تي اهو گهڻو ڪري گمان آهي ۽ رياست جي ادارن کان مخالف ويڙهاڪن تائين سندس افغان ميزبانن تائين ٿي سگهي ٿو آخرڪار ويڙهاڪن جي گندي دنيا ۾ زندگي جي اميد مختصر آهي ۽ طالباني نوڪري جي نوعيت جو مطلب آهي ته هڪ پرتشدد اختتام ملڻ جيڪو هڪ الڳ امڪان آهي.

جيستائين ڪو گروهه مارڻ جي دعويٰ سان اڳيان نه اچي تيستائين اسان کي خبر نه پوندي ته خراساني کي ڪنهن ماريو امن وارين ڳالهين جي معاملي تي راءِ ورهايل آهي ته خراساني جي وڃڻ ڪانپوءِ ڳالهين ڪهڙي شڪل اختيار ڪنديون. مرحوم دهشتگرد بظاهر پاڪستان سان ڳالهائڻ جو وڏو پرستار نه هيو ۽ اڳوڻي فاٽا کي ڪي پي ۾ ضم ڪرڻ جي مطالبي تي انتهائي سخت هيو ان کان علاوه هڪ ٻيو عنصر سامهون آيو جيڪو شايد ٽي ٽي پي سان ڳالهين کي شڪل ڏيڻ جو امڪان آهي فوجي ڪمانڊرن جي تبديلي، خاص طور تي ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد کي بهاولپور ڪور ڪمانڊر مقرر ڪرڻ هيو جڏهن هو پشاور ڪور جي ڪمانڊري ڪري رهيو هيو ته جنرل حميد کي ٽي ٽي پي سان ڳالهين جي پويان محرڪ قوت طور ڏٺو ويو ڏسڻو اهو آهي ته ڇا پشاور ۾ سندس جانشين ۽ فوجي قيادت شدت پسندن سان امن ڳالهين کي ان ئي جوش سان اڳتي وڌائڻ لاءِ تيار ٿيندي يا نه رياست هن وقت تائين ڳالهين تي خاموشي اختيار ڪئي آهي. دهشتگرد گروپ پاران هڪ بيان ۾ عمرخالد خراساني جي نام نهاد خدمتن جي سبب ڪيس ساراهيو ويو هيو پر ڳالهين جي حيثيت بابت ڪجهه به نه هيو يقينن جيڪڏهن ٽي ٽي پي جي اندر وڌيڪ سخت گير گروپ غالب آهن ته پوءِ ڏکيائي ضرور آهي. اسان ته فرض ڪري سگهون ٿا ته ڳالهين گهڻو ڪري انتشار جو شڪار ٿي وينديون. رياست هميشه دليل ڏنو آهي ته شدت پسندن سان ڳالهائڻ خاص طور تي انهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪجهه اضافي شيون يا معافيون تلافيون ڏيڻيون پونديون. جيڪو هڪ خراب ڳالهه آهي. ٻئي طرف امن جي خواهش تمام گهڻي خراب ناهي ۽ رياست وٽ لازمي آهي ته دهشتگردن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا حڪمت عملي تيار هجي. جيڪڏهن اهي ڳالهيون ختم ڪرڻ ۽ ٻيهر بندوق کڻڻ جو فيصلو نه ڪن.

بقايا 01

۾ "ون يونٽ اسڪيم " کان ويندي ايوب جي آمريت جو تختو اونڌو ڪرڻ تائين سان گڏوگڏ سنڌي شاگردن جي 4 مارچ واري عظيم جدوجهد کي بحث هيٺ آندو ويو گڏوگڏ هينئر سنڌ سان ٿيندڙ موجوده استحصال کي به نظر ۾ رکيو ويو جنهن خلاف احتجاج به ڪيو ويو آخر ۾ ڪينال نامنظور نعراه لڳايا ويا جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته. ون يونٽ خلاف سڀ کان پهرين شاگردن مزمت ڪئي جو ته رياست جا غلط فيصلا سڀ کان پهرئين شاگرد تي اثر انداز ٿيندا آهن ، تنهن وقت ون يونٽ ، ٻوليءَ ، صوبائي خودمختياري جو مسئلو هو ۽ هاڻي وري سنڌو درياءَ تي ڪئنال کڍيا پيا وڃن جنهن جو مقصد صرف سنڌ ڌرتيءَ جي زراعت کي تباهه ڪرڻ آهي جنهن جي نتيجي ۾ سمنڊ جو ڪارو پاڻي زراعت واري زمين کي بنجر ڪندو. پاڻي جي فطرتي وهڪري کي روڪڻ جو مطلب ڪلائيميٽ چينج ٿيندي جنهن جي نتيجي ۾ ٻوڏ ، برسات ، مختلف وائرس بيماريون پيدا ٿيندي نتيجي ۾ ماحول خراب ٿئي ويندو. سنڌو درياءَ تي ڪئنال اڏڻ جو فيصلو سنڌو درياءَ جي بقاءَ مسئلو آهي ، تنهن ڪري اسان سڀني کي هڪ ٿي ڪري سنڌو کي بچائڻو آهي ـ آخر ۾ سنڌو تي ڏاڙو نامنظور جا نعرا پڻ لڳايا ويا

بقايا 02

۾ "ون يونٽ اسڪيم " کان ويندي ايوب جي آمريت جو تختو اونڌو ڪرڻ تائين سان گڏوگڏ سنڌي شاگردن جي 4 مارچ واري عظيم جدوجهد کي بحث هيٺ آندو ويو گڏوگڏ هينئر سنڌ سان ٿيندڙ موجوده استحصال کي به نظر ۾ رکيو ويو جنهن خلاف احتجاج به ڪيو ويو آخر ۾ ڪينال نامنظور نعراه لڳايا ويا جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته. ون يونٽ خلاف سڀ کان پهرين شاگردن مزمت ڪئي جو ته رياست جا غلط فيصلا سڀ کان پهرئين شاگرد تي اثر انداز ٿيندا آهن ، تنهن وقت ون يونٽ ، ٻوليءَ ، صوبائي خودمختياري جو مسئلو هو ۽ هاڻي وري سنڌو درياءَ تي ڪئنال کڍيا پيا وڃن جنهن جو مقصد صرف سنڌ ڌرتيءَ جي زراعت کي تباهه ڪرڻ آهي جنهن جي نتيجي ۾ سمنڊ جو ڪارو پاڻي زراعت واري زمين کي بنجر ڪندو. پاڻي جي فطرتي وهڪري کي روڪڻ جو مطلب ڪلائيميٽ چينج ٿيندي جنهن جي نتيجي ۾ ٻوڏ ، برسات ، مختلف وائرس بيماريون پيدا ٿيندي نتيجي ۾ ماحول خراب ٿئي ويندو. سنڌو درياءَ تي ڪئنال اڏڻ جو فيصلو سنڌو درياءَ جي بقاءَ مسئلو آهي ، تنهن ڪري اسان سڀني کي هڪ ٿي ڪري سنڌو کي بچائڻو آهي ـ آخر ۾ سنڌو تي ڏاڙو نامنظور جا نعرا پڻ لڳايا ويا

بقايا 03

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فنڊ جاري ڪرڻ تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته مختلف ماڻهن طرفان سنڌ يونيورسٽيءَ جي زمينن تي قبضا ڪرڻ بعد بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت پئسا وٺي اتي گهر ٺهرائي رهيا آهن. جيڪو نهايت غيرقانوني قدم آهي. رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق علي جاريڪو پاران جاري ڪيل هڪ بيان موجب وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمهاڻيءَ پاران جلال مري ۽ ٻين کي يونيورسٽيءَ جي زمين تي پير باجدي ويجهو سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۽ ريلوي لائين سان لڳ علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ڪيل ادائگين جو نوٽيس ورتو ويو آهي. يونيورسٽي انتظاميا بي آءِ ايس پي اختيارين تي زور ڏنو آهي ته اهي فوري طور قدم کڻن ۽ يقيني بڻائين ته مالي مدد انهن ماڻهن کي نه ڏني وڃي، جيڪي يونيورسٽيءَ جي زمين تي غيرقانوني طور والار/ قبضو ڪري ويٺل آهن. بيان ۾ يونيورسٽيءَ جي ٽائون شپ اسڪيم لينڊ تي ٻين غيرقانوني وسندين کي به اجاگر ڪيو ويو آهي.

بقايا 04

وڏن واپارين خلاف ڪاروائي نه ٿي، ريڙهي واري تي 5000 ڏنڊ، پوليس اهلڪارن پاران ڳلي ۾ هٿ وجهي گهلڻ ۽ ڪٽڻ جي ڪوشش، ڇڪتاڻ خبر موجب ميهڙ ۾ هترادو مهانگي وڌي وئي آهي ، سبزين، فروٽ جي اگهن ۾ رڪارڊ واڌ اچي وئي آهي، رمضان آرڊيننس تي عمل ناهي ٿيو ميهڙ ۾ انتظاميا وڏن دڪاندارن ۽ سبزي جي وڏن واپارين خلاف ڪاروائي ناهي ڪئي، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار ميهڙ جي مين روڊ تي ريڙهي واري تي 5000 ڏنڊ وڌو ويو اعتراض ڪرڻ تي پوليس اهلڪارن ريڙهي واري کي ڳلي ۾ هٿ وڌا ۽ کيس گهلڻ ۽ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڇڪتاڻ ٿي پئي، شهرين جي گڏ ٿيڻ تي اهلڪار واپس هليا ويا.

بقايا 05

ڪاليج ۽ آغوش اسپيشل اسڪول کي نئين ايندڙ تعليمي سيشن ۾ نئين ايڊمنشن جي لاءِ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ زير تعليم هزارين ٻارن جو مستقبل داءِ تي لڳي ويو آهي، ان سلسلي ۾ انچارج ايجوڪيشن پاران ڪڍيل سرڪل ۾ اهو واضح لکيو ويو آهي ته آئنده جي لاءِ ڪنهن به قسم جي نئين ايڊمنشن نه ڪئي ويندي جنهن سان اهو معلوم ٿي رهيو آهي ته موجوده تعليم حاصل ڪندڙ ٻارن جو مستقبل داءِ تي لڳي ويو آهي، مل جي اهم ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته موجوده انتظاميه اسڪول مڪمل طور تي بند ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي جنهن سان نه صرف ٻارن جو تعليمي نقصان ٿيندو بلڪ ڪيترائي استاد به بيروزگار ٿي ويندا، ٻئي طرف والدين جو چوڻ هو ته اسان جا روزگار ته ختم ڪيا ويا آهن پر اسان جي ٻارن جي تعليم کي به تباهه ڪيو پيو وڃي هنن حڪومت پاڪستان کان مطالبو ڪيو آهي ڪي فلور موجوده سي اي او کي معطل ڪيو وڃي ۽ سمورا فيصلا واپس ڪيا وڃن ۽ اسان جي ٻارن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا 06

جساف جي مرڪزي صدر اشرف ڪلهوڙو، جسقم ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر عزيز الرحمان شيخ، راحب سومرو، فراز ڪهاوڙ ۽ ٻين پنهنجي جاري ڪيل گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته 4 مارچ جي حوالي سان جدوجهد ڪندڙ سنڌ يونيورسٽي جامشورو جي شاگردن کي ڀيٽا پيش ڪجي ٿي، اڄ سموري سنڌ 4 مارچ جي بهادر ساٿين کي سلام پيش ڪري رهي آهي، جڏهن ته هن وقت سنڌ جا نوجوان روڊن، رستن تي سنڌ امڙ کي بچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن ۽ سنڌو درياهه مان زبردستي 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ واري سنگين صورتحال کي بهادري سان منهن پڻ ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته وفاق هڪ سازش تحت زبردستي سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال اڏي سنڌ کي بنجر بڻائڻ چاهي ٿي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو، ڇاڪاڻ جو پاڻي وارو معاملو سنڌي قوم جي جياپي جو مسئلو آهي، جيڪڏهن سنڌو درياهه مان وڌيڪ ڪئنال ڪڍيا ويا ته سنڌ جا مارونڙا پاڻي ڊڪ کان محروم ٿي ويندا، ڇاڪاڻ جو اڳ ئي سنڌ پاڻي جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي، جنهن ڪري هتان جي هارين ۽ آبادگارن کي سخت مشڪلاتن سان منهن ڏسڻو پوي ٿو. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جي پرامن احتجاج مٿان پوليس طرفان لاٺي چارج ڪرڻ واري عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي شاگردن کي يقين ٿا ڏياريو ته اسان سندن هر موڙ تي گڏ آهيون. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيستائين وفاق ڪئنالن واري فيصلي کي واپس نه ٿو وٺي تيستائين اسان جي پرامن جدوجهد جاري رهندي.

بقايا 07

۽ سندس جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ۽ لاڙڪاڻي مان سنڌ اسيمبلي جي چونڊيل ميمبر جميل احمد سومرو جي تڪ واري علائقي لاڙڪاڻو شهر جي ڪوثر مل محلي ۾ گذريل ڇهن سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود سوين شاگردن ۽ شاگرديائين جي پرائمري اسڪول ڪوثر مل ۾ عمارت جا ڇاپڙ ڪرڻ بعد ترقياتي ڪم رولڙي جو شڪار بڻيل آهي، علائقي واسين والدين پاران ايجوڪيشن ورڪس جي سست رفتاري خلاف احتجاج ڪيو ويو انهيءَ موقعي تي غلام شبير ٻرڙو، مهراڻ ڪوري، سهراب ميمڻ، رب نواز بلوچ ۽ ٻين ڌانهينديو چيو ته لاڙڪاڻي شهر جي وچ ۾ سوين ٻارڙن جي تعليم گاهه ڪوثر مل بوائز پرائمري اسڪول جي ڇهن سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود عمارت جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري پيا جنهن جي ترقياتي ڪمن ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ لاڙڪاڻو پاران ايڏي سست رفتاري ڏيکاري وئي آهي جو ڪيول پير ڪر ڪجهه ڏينهن هليو وري ڪر هڪ وڏي عرصي کان بند لڳو پيو آهي ۽ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي ٺيڪيدارن پاران اسڪول جو ڪم بند ڪيو ويو آهي ۽ ڪم نه ڪرڻ تي بجيٽ نه هجڻ جو جواز ڄاڻائي اسڪول عمارت ڀوت بنگلي جو منظر پيش ڪري رهي آهي. والدين چيو ته خدارا لاڙڪاڻي شهر جي ڪوثر مل پرائمري اسڪول جي سوين ٻارڙن جي تعليم بچائي وڃي ۽ فوري طور تي ترقياتي ڪم شروع ڪري پائيه تڪميل تي پهچايو وڃي، علائقي واسين چيو ته وڏي ڏک ۽ افسوس جي اها ڳالهه آهي ته اسان لاڙڪاڻي شهر جي تڪ جا نمائندا جيڪڏهن تعليمي سلسلي کي اڳتي هلائڻ ۽ سوين شاگردن ۽ شاگرديائين جي تعليم کي بچائڻ چاهين ته هڪ هفتي ۾ اسڪول تيار ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي سست رفتاري ۽ بجيٽ نه هجڻ وارا پراڻا بهانا هڪ طرف اسڪول جي عمارت جي تعميراتي ڪم ۾ رولڙي جو شڪار هجڻ جو صاف ۽ چٽو بهانو ظاهر ڪري رهيا آهن ته ٻئي پاسي وري سوين شاگردن ۽ شاگرديائين جي تعليم متاثر ڪري رهيا آهن. شهرين علائقي واسين پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ايم پي اي جميل احمد سومرو، سنڌ جي تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، سيڪريٽري تعليم زاهد علي عباسي ۽ ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته لاڙڪاڻو شهر جي سوين ٻارڙن جي تعليم بچائڻ لاءِ فوري طور ڪوثر مل بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت جو تعميراتي ڪم شروع ڪري مڪمل ڪيو وڃي. جيئن معصوم گلن جهڙا ٻارڙا پنهنجي تعليمي تدريسي عمل برقرار رکي سگهن.

بقايا 08

سپورٽ پروگرام جي آفيس اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو، احتجاجي مظاهرو جي اڳواڻي تعلقه صدر مرتضي سبزوئي، پيو چاچڙ، خادم ملڪ، جاويد سبزوئي، ۽ ٻين جي اڳواڻن ڌانهينديو چيو ته صوفي سلامت بجاراڻي پنهنجا ايجنٽ ٻاهران ويهاري ڇڏيا آهن، جيڪي هر ايندڙ مستحق عورتن کان هزار کان 1500 غيرقانوني ڪٽوتي ڪري رهيا آهن، جنهن مستحق وٽ رشوت ڏيڻ جي سگهه ناهي انهن جي تذليل ڪئي پئي وڃي، اسين اعلي اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته صوفي سلامت بجاراڻي خلاف ڪارروائي ڪري مستحق عورتن کان ڪٽوتي کي روڪرايو وڃي، ٻي صورت احتجاجي مظاهرو کي وسيع ڪيو ويندو، آفيس انچارج صوفي سلامت بجاراڻي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري خاطري ڪرائي بعد احتجاجي ڌرڻو ختم ڪرائي ڇڏيو.

بقايا 09

جو اوچتو دورو ڪري استادن ۽ شاگردن جي حاضري چيڪ ڪئي اسڪول ۾ صفائي ۽ سهولتن جو پڻ جائزو ورتو ان موقعي تي ڪافي ٽيچرز غير حاضر هئڻ تي ڊپٽي ڪمشنر ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اسڪول انتظاميه کي هدايت ڪئي ته اسڪول ۾ استادن جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته زير تعليم شاگردياڻين کي بهتر تعليم ۽ تربيت ڏيڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ته جيئن هي نيائيون پڙهي لکي ملڪ جي خدمت ڪري سگهن ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته اسڪولن جي دوري جو مقصد اسڪولن ۾ جاري تعليمي سرگرمين ۽ درپيش مسئلن جو جائزو وٺڻ آهي ته جيئن اسڪول جا مسئلا حل ڪري سگهجن ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري کي اسڪول مان غير حاضر استادن خلاف ڪاروائي لاءِ هدايتون جاري ڪيون.

بقايا 10

ڏک جو اظهار ڪندي مرڪزي اڳواڻن چيئرمين رفيق احمد جعفري وائيس چيئرمين پروفيسر خالد حسين چنا سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل پروفيسر بخش علي چانڊيو سيڪريٽري فنانس نور محمد سيال سيڪريٽري اطلاعات احمد حسن پنهور چيو ته سنڌ ۾ موجوده دؤر ۾ تاريخ تي ٿورا ماڻهو ڪم ڪندڙ رهيا آهن انهن مان ڊاڪٽر غلام محمد لاکو جو مقام اوچو ۽ اعلا رهندو آيو آهي سندن تاريخ جي سبجيڪٽ تي پي ايڇ ڊي ٿيل هئي پاڻ سنڌ جي تاريخ تي وڏي اٿارٽي هئا سنڌ جي تاريخ تي ڏٺو وڃي ته سندس ڪم ديومالائي قسم جو ٿيل آهي لاتعداد علمي ادبي رسالن ۽ ڪتابن ۾ سندس تاريخ تي تحقيقي مقالا پڙهي معلوم ٿيندو آهي ته سندس ڪيڏي نه تاريخ جي سبجيڪٽ تي گرفت هئي ته ماهي مهراڻ رسالي ۾ سندس ڇپيل مقالا هڪ وڏو سرمايو آهن جن مقالن پڙهڻ سان ماڻهو سنڌ جي تاريخ کان واقف ٿي وڃي ٿو لاکي صاحب جا ٻه ڪتاب ته تمام وڏا قيمتي آهن هڪ سمن جي سلطنت ۽ ٻيو سندس پي ايڇ ڊيءَ جو مقالو تاريخ ڪلهوڙا دور حڪومت ۽ وڏي ڳالهه ته سنڌ جي تاريخ ۾ اهي ٻئي دؤر حڪومتون اوجهل رهيون جن کي لاکو ڪتابي صورت ۾ آڻي نروار ڪريو

بقايا 11

پر بيلي کاتي سکر جي عملدارن ٻيلا هٿ سان تباهه ڪرائڻ ڪانپوءِ هاڻي سکر جي ستي پوائنٽ لڳ دادو ۽ رائس ڪئنال جي ڪپرن تي بيٺل وڻ به روزانو ڪٽرائي 400 رپيا مڻ جي حساب سان وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ان ڏس ۾ ذريعن وٽان مليل ڄاڻ موجب فاريسٽ ڊويزنل ۽ رينج آفيسر سکر چوڪيدارن هٿان ڪئنالن جي ڪم جو ٻهانو ٻڌائي وڻن جي واڍي ڪرائي سکر شهر جي خوبصورتي کي به تباهه ڪرڻ لڳا آهن جنهن سبب شهرين ۾ ٺاهه پکڙيل آهي سکر جي شهرين چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ سميت لاڳاپيل اختيارن کي نوٽيس وٺي وڻن جي واڍي کي روڪڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 12

چوسنا ، سميع سجاد غزل اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيا ، جنهن تي دوستن پنهنجا ويچار ونڊيا گڏجاڻيءَ جي آخر ۾ سنڌو درياءَ مان پنجاب پاران ڇهه ڪينال ڪڍڻ جي مذمت ڪئي وئي ۽ مطالبو ڪيو ويو ته آصف زرداري پنهنجو صدارتي اختيار استعمال ڪري ڪينالن کي روڪرائي. گڏجاڻيءَ ۾ قوم پرست ڌرين کان به گهر ڪئي گڏيل جدوجهد هلائي پنجاب جي ڪڌي عمل ۽ ٻچڙائي کي ختم ڪرائين.

بقايا 13

۾ متاثر دڪاندار طرفان علائقي واسين سان گڏجي چوري ٿيل سامان واپس نه ٿيڻ خلاف لاڙڪاڻو ميرو خان روڊ تي ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، جنهن سبب ڪجهه وقت لاءِ ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ان موقعي تي متاثر دڪاندار عبدالحميد ڪنگو علائقي واسين ماجد ڪنگو ضمير ڪنگو ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو ڌانهينديو چيو ته گذريل رات نامعلوم چورن منهنجي دڪان جي ڪاٽ هڻي دڪان مان به لک کان وڌيڪ ماليت جون موبائيل فونون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن، اهڙي واقعي جو اطلاع حد جي ٿاڻي تي ڏنو آهي، پر پوليس چورن خلاف ڪابه ڪاروائي ناهي ڪئي ۽ نه ئي وري چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو ويو آهي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي ڪنگا پوليس کان پڇائو ڪري چوري ٿيل روڪ رقم موبائيل فونون ۽ دڪان جو ٻيو سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 14

جي هڪ ايڪڙ 16 گهنٽا زرعي زمين سروي نمبر 549 ۾ آهي جنهن تي گذريل ڏيڍ سال کان با اثر غلام قادر زئونر، دوست علي زئونر، نظير وزير ياسين، نظر زئونر قبضو ڪري گهر اڏي ويهي رهيا آهن، زمين تي قبضي جو ڪيس دادو جي عدالت ۾ هلندڙ آهي قبضا مافيا ڪيس تان هٿ کڻائڻ لاءِ مخالفين پاران ڪوڙا ڪيس داخل اڳ به ڪرايا آهن هاڻي به برامو ڪري موٽر سائيڪل ڦر جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻ چاهن ٿا، هن چيو ته دادو جو هڪ واپاري مخالف ڌر جي سپورٽ ڪندي پوليس تي پريشر ڏئي رهيو آهي ته ڦر جو ڪيس داخل ڪيو وڃي، هن چيو ته زمين تي قبضو ڪندڙ با اثر آهن جيڪي مختلف وقتن تي برامو ڪري ڪوڙيون اين سي رپورٽون داخل ڪرائيندا رهيا آهن.

بقايا 15

ميرڪ. مولانا محمد ماجد هنجراه گڏيل بيان جاري ڪندي چيو آهي ته بلوچستان ۾ جي يو آئي جي مرڪزي اڳواڻن امان الله ۽ مولانا غلام سرور جي شهادت تي تمام گهڻو ڏک پهتو آهي جي يو آئي جي اڳواڻن هميشه شهادتون ماڻي قربانيون ڏنيون آهن ۽ جي يو آئي جي نظري سان هميشه گڏ رهيا آهن هنن چيو ته اسان شهيدن جي خاندان سان ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون الله پاڪ مرحومن کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ پوئين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا 16

خلاف جامشوري ۾ شاگردن جي ڪيل پرامن احتجاج تي پوليس پاران تشدد، فائرنگ ۽ شيلنگ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته سنڌو دريا مان زبردستي ڪينال ڪڍڻ وارو معاملو نهايت سنجيده صورت اختيار ڪري چڪو آهي.شاگردن ۽ سنڌي عوام جي پرامن احتجاج جو حق کسڻ يا انهن تي تشدد ڪرڻ غير آئيني عمل آهي.اهڙن سمورن عملن جي ترقي پسند پارٽي مخالفت ڪري ٿي.هن ان واقعي ۾ ملوث پوليس وارن خلاف ڪاروائي جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 17

ٽيچرس لاءِ ٻن ڏينهن واري ٽالي ٽريننگ سيمينار منعقد ڪرايو ويو آگاهي سيمينار ۽ مينٽل هيلٿ ، فزيڪل هيلٿ جي ٽريننگ ڪرائي وئي جنهن ۾ راندين جا مقابلا منعقد ڪرايا ويا جن ۾ مختلف راندين ذريعي ٻارن جي ذهني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ انهن جي ذهني نشونما ۾ اضافو ۽ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور پروگرام ۾ بطور مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي عبدالسميع پنهور ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته استادن جي لاءِ اهڙيون ٽريننگ ڪرائڻ هڪ بهتر عمل آهي استادن ڪافي ڪجهه سکيو آهي ۽ هو پنهنجن اسڪولن ۾ وڃي شاگردن کي سيکاريندا جيئن انهن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ۽ اسان جا شاگرد سي ايس ايس جهڙا مشڪل امتحان پاس ڪري پاڪستان جي فلاح جي لاءِ انهن صلاحيت کي استعمال ڪندا. ان موقعي تي فيميل ٽيچرها رضوان ، فرزانه ، شازيه ، زينب ، سميت ٻين ٽريننگ ڪرائڻ واري ميڊم ايڊووڪيٽ امبرين جي تعريف ڪندي ٻڌايو ته ٻن ڏينهن واري ٽريننگ ۾ ڪافي ڪجهه سکيو آهي ۽ اهو اسان پنهنجي اسڪول جي ٻارن کي سيکاريندا سين ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر استادن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا جن موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 18

۽ خان پنهور، سالار سولنگي، ثناء الله، سليم ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي احتجاج ڪندي چيو ته سنڌو درياهه تي 6 ڪئنال اڏڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي 6 ڪروڙ سنڌين جي جياپي سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ڪنهن به صورت ۾ نه ڏينداسين هن چيو ته چولستان جون لکين ايڪڙ زمينون آباد ڪرڻ لاءِ وفاق سنڌ جي پاڻي تي ڏاڙو هڻڻ چاهي ٿي، مظاهرين مطالبو ڪيو ته وفاق فيصلو واپس وٺي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا 19

۾ ڪجهه شر پسند ماڻهو قبرن کي باهه ڏيئي ويا، جنهن ڪانپوءِ درگاهه جي فقير گادي نشين فقير عبدالرحمان ڪوسو ۽ سندس صاحبزادي فقير فدا حسين ڪوسو احتجاج ڪندي ڌانهيو ته قمبر شهدادڪوٽ جي سنجرپٽي قديم قبرستان ۾ شرارتي ماڻهو قبرستان کي باهه ڏيئي قبرن جي بي حرمتي ڪرڻ سان گڏوگڏ ئي قبرن کي وڏو نقصان پهچايو ويو آهي، هنن چيو ته اسان پنهنجي وڏڙن جي مزارن قبرن تي فاتحه خواني ڪرڻ پهتاسين ته عجيب و غريب هاءِ ڏاريندڙ منظر ڏسي ڏاڍي حيرت ۽ افسوس ٿيو ته ڪهڙا بدبخت ماڻهو دنيا جهان ڇڏي ويندڙ بزرگ هستين، مري ويل مسلمان ماڻهن جي قبرن جي بي حرمتي ڪندي باهيون لڳائي ويا آهن ۽ سنجر پٽي قبرستان ۾ هر طرف هي خوفناڪ منظر ڏسي دل کي ڏاڍو ڏک ۽ صدمو پهتو آهي. هنن چيو ته هن تاريخي قديم قبرستان ۾ سيد سادات، بزرگن، اولياء ، مسلمان مرد، عورتن ۽ معصوم ٻارڙن جون پڻ قبرون وڏي تعداد ۾ آهن جتي باهه ڏيئي وڏو نقصان پهچايو ويو آهي، جنهن سان قبرن جي توهين ڪئي وئي آهي. جڏهن ته قبرستان جي ٻه ڪلوميٽر مفاصلي تي علائقي جي پولس اسٽيشن پڻ واقع آهه قديم درگاهه جي گادي نشين فقير عبدالرحمان ڪوسو حڪومت سنڌ، قمبر شهدادڪوٽ ايس ايس پي پوليس، ايس ايڇ او سنجرپٽي پولس کان مطالبو ڪيو ته خدارا سنجر پٽي درگاهه فقير چٽل رح ۽ فقير حيات رح ۽ قبرستان ۾ لڳايل خطرناڪ باهه جي جاچ ڪرائي ملوث جوابدارن کي قانون مطابق واقع سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا 20

۽ روڪ رقم ، ڪئون هنڌ سڙي خاڪ ٿي ويا ، اطلاع ملڻ باوجود فائر برگيڊ عملو نه پهتو ، ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تن ڪلاڪن جي ڪوشش کان پوءِ باهه تي ضابطو آڻي وڌيڪ گهرن کي سڙڻ کان بچائي ورتو ، ان موقعي تي باهه متاثرن شمن چانڊيو ۽ غلام حسين چانڊيي ٻڌايو ته گهر ۾ پيل چوپائي مال جي گند ڪچري کي ساڙڻ لاءِ باهه ڏني ته اڄانڪ باهه سڄي گهر کي وڪوڙي وئي باهه ايترو ته تيزي سان وڌي رهي هئي جو وڏي مشڪل سان جانيون بچائي نڪتا آهيون ، باهه لڳڻ جو اطلاع وقت سر فائر برگيڊ عملي ڏنو پر فائر برگيڊ عملو نه پهتو ڳوٺاڻن مدد سان ڪلاڪن کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو پر تيستائين گهر جو ڪافي سامان سڙي چڪو هيو ، هن چيو ته هارپو ڪري ٻچن جي پيٽ گذران ڪندو آهيان گهر ۾ پيل سال جو اناج ۽ الهه تلهه سڙي خاڪ ٿي ويو آهي

بقايا 21

قلپوتو شهر جي مختلف هنڌن هوٽلن دڪانن تي ڪارروائي ڪئي ۽ ڏنڊ لڳايا ان موقعي اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر قلپوتو چيو ته هوٽلن مالڪن ۽ دڪاندارن کي گهرجي ته قانون تي عمل ڪن، رمضان مبارڪ جو احترام ڪن ۽ شهرين کي سرڪاري مقرر ٿيل اگهه تي کاڌي پيتي جو سامان ڏنو وڃي رمضان آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي شهر جي مختلف علائقن ۾ هوٽلن دڪانن تي ڇاپا هنيا ۽ خلاف ورزي ڪندڙ دڪاندارن مٿان ڏنڊ لڳايا. ان موقعي اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور ارسلان حيدر قلپوتو چيو ته خيرپور شهر جي مختلف هوٽلن جي مالڪن ۽ دڪاندارن کي گهرجي ته قانون تي عمل ڪن، رمضان مبارڪ جو احترام ڪن ۽ شهرين کي سرڪاري طرفان مقرر ٿيل اگهه تي کاڌي پيتي جو سامان ڏنو وڃي رمضان آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن واپاري سان ڪابه رعايت نه ڪئي ويندي.

بقايا 22

حسين شيخ فداحسين سويترا جي وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان جي مرڪزي صدر نامور وڪيل ايڊووڪيٽ جمشيد احمد فيض سان ملاقات صدر منتخب ٿيڻ تي مبارڪ باد ڏني ان موقعي تي ڳالهيون ڪندي چيو ته مان نهايت شڪرگذار آهيان اوهان سيني مزدور دوستن جو جن مون کي هڪ دفعو ٻيهر صدر چونڊيو آهي. مان پنهنجن نون چونڊيل عهديدارن کي دل سان مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ ساڻ گڏ چيئرمين اليڪشن ڪاميٽي ۽ ٻين ارڪان کي به مبارڪباد پيش ڪريان ٿو جن منظم طريقي سان، شفاف ۽ قانون مطابق اليڪشن ڪرايا. اي او بي آئي ۾ موجود اربين روپيا اوهان مزدورن جا آهن جيڪي مزدورن کي ملڻ گهرجن. وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان وفاق ۾ رجسٽرڊ تنظيم آهي. سنڌ ۽ پنجاب وانگر ملڪ جي سيني صوبن ۾ جلد ئي عهديدارن جا اليڪشن ڪرايا ويندا. پاڪستان ۾ رهندڙ سڀ مزدور ڀائر هڪ قوم آهن ۽ هڪ قوم بڻجي جدوجهد ڪندا، ڀلي اهي سنڌي، 'پنجابي'، بلوچ يا پختون ڇو نه هجن. نئين چونڊيل باڊي، رمضان شريف کان پوءِ ملڪ جو دورو ڪري وطن دوست جي پليٽ فارم تان گڏجي مزدور دوستن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي. اسان سيني کي وطن دوست مزدور فيڊريشن جي آئين مطابق گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. مان اوهان سيني دوستن جو شڪر گذار آهيان ۽ اوهان پاران ڏنل محبت ياد رهندي

بقايا 23

جهڙي بابرڪت مهيني ۾ حڪومت جي نااهلي سبب مهانگائي ۾ ڳاٽي ڀڃ اضافي،سحريءَ افطاري جي وقت ۾ گيس ۽ بجلي جي بندش تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ،پنهنجي جاري بيان ۾ مير غلام حيدر مري وڌيڪ چيو ت رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ حڪومت ۽ ادارن جي نااهلي ۽ ڪرپشن ذخيرو ڪندڙن ۽ مهانگائي ڪندڙن کي مڪمل اجازت ڏئي ڇڏي آهي،جنهن ڪري کاڌي پيتي جون شيون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن،مرغي 8 سئو رپيا في ڪلو،وڏي جانور جو گوشت 14 سئو کان 15 سئو رپيا في ڪلو،ٻاڪرو گوشت 24 سئو کان 26 سئو رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي ،بيضن جا اگهه ڪير سبزين فروٽ اٽي، کنڊ ،چانورن جا اگهه غريب ماڻهن جي قوت خريد کان پري ٿي ويا آهن،مزدور ۽ گهٽ آمدني وارا ماڻهون ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن،غريب بک ۽ بدحالي سبب خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن.حڪومت ۽ اگهن تي ضابطو آڻيندڙ ادارا ڪرپشن سبب خاموش تماشائي بنيل آهن.هن چيو ت وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون ڪوڙيون دعوائون ڪري رهيون آهن ت مهانگائي جي شرح ۾ گهٽتائي ٿي آهي،هن وڌيڪ چيو ت سنڌ جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ سحري ۽ افطاري وقت گيس ۽ بجلي جي بندش ۽ اضافي بلن عوام جي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 24

ايسوسيئيشن (اليڪشن ڪميٽي) جي چيئرمين سيد سجاد حسين شاهه جي صدارت هيٺ ڊينٽر پينٽر ڪالوني، لاڪا اسٽريٽ ۾ چونڊن جي حوالي سان هڪ اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ آزاد پينل، المدد پينل، القائم پينل ۽ مڪينڪ پينل جي اڳواڻن ۽ مسترين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته سکر موٽر اتحاد پينل ۽ همدرد پينل جي ميمبرن شرڪت نه ڪئي.اجلاس دوران اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين متفقه طور تي محمد امجد ۽ محمد اڪبر مغيري کي اليڪشن ڪميٽي جي ميمبر طور شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو.شرڪت ڪندڙن عدالتي حڪمن جي باوجود عهديدارن پاران اليڪشن ڪميٽي جي ميمبرن کي دفتري معاملا نه ڏيڻ ۽ ايسوسيئيشن جي آفيس کي تالا لڳائڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ويا اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين اليڪشن ڪميٽي چيو ته ايسوسيئيشن جي آفيس نه ملڻ سبب عارضي چونڊ دفتر قائم ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان جو مقصد عدالتي حڪمن موجب 22 مئي 2025 تي شفاف ۽ منصفاڻا چونڊون ڪرائڻ آهي.هن وضاحت ڪندي ٻڌايو ته اليڪشن ڪميٽي پهرين مرحلي ۾ ميمبرشپ جي تصديق ڪندي، ٻئي مرحلي ۾ نامزدگي فارم جاري ڪيا ويندا، ۽ نامزدگي ڪاغذن جي جاچ پڙتال ڪانپوءِ، مقرر ڪيل شيڊول موجب چونڊون منعقد ڪيون وينديون

بقايا 25

تي لڏي پنهنجي نالي ڪيو. ٻهريون مقابلو: شهيد فدا حسين ڪنگ جي شاندار فتح ٻهريون مقابلو شهيد فدا حسين ڪنگ ۽ آل شهباز وچ ۾ ٿيو جتي شهيد فدا حسين ڪنگ ٽيم 136 رنسون ناهي شاندار راند جو مظاهرو ڪيو. مصطفيٰ خشڪ 94 رنسون ناهي ٽيم جي ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آل شهباز جي ٽيم 124 رنسون ناهي سگهي ۽ 12 رنسن تان شڪست کاڌي. ٽيون مقابلو: لاهوتي لڏي جي فتح، ٻئي مقابلي ۾ لاهوتي لڏي ۽ ايم حنيف ٽيمون آمهون سامهون ٿيون، جتي لاهوتي لڏي 93/9 جو هدف حاصل ڪري هڪ وڪيٽ تان ڪاميابي حاصل ڪئي. حسيب شاهه 4 وڪيٽون وٺي ايم حنيف جي ٽيم کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو، جنهن سبب کين فتح ملي. شوقينن جو جوش چوٽ چڙهيل ٽورنامينٽ ۾ گهوڙاٻاري ور شهر ۽ آسپاس جي ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو. شهيد فدا حسين خشڪ جي ياد ۾ ٿيندڙ هي ڪرڪيٽ ميلو وڏي موٽ ماڻي رهيو آهي، جتي رانديگرن سان گڏ شوقين به وڏي دلچسپي وٺي رهيا آهن. ور سپر ليگ نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جا ايندڙ مقابلا به انتهائي اهم هوندا، جتي هر ٽيم فتح لاءِ پوري سگهه سان ميدان ۾ لهندي.

بقايا 26

بندش ۽ آئيس جي وڪري تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي جڏهن ته ڳيريلو پوليس حد ۾ هلندڙ جوا منشيات ۽ آئيس جهڙي زهريلي ڪڌي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف موثر ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ سندن سرپرستي ۾ هلڻ جو انڪشاف ٿيو آهي انهيءَ سلسلي ۾ پوليس جي ڀروسي ذريعن وٽان مليل معلومات موجب پوليس ڳيريلي شهر توڙي آسپاس ۾ آئيس وڪري جي وڏي ڊيلر ڳوٺ تريجا واسي علي رضا عرف رضو ڪوڪر کي گرفتار ڪري ورتو جنهن بعد ڪجهه ڪلاڪن اندر هزارين روپيا رشوت عيوض آزاد پوليس ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو پوليس جي جوا منشيات فروشن ۽ آئيس وڪري جي ڪڌي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن جي اهڙي سرپرستي تي سڄاڻ ڌرين ۾ سخت ڳڻتي واري لهر ڇانئجي وئي آهي. سڄاڻ ڌرين ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو آهي ته هڪدم نوٽيس وٺي منشيات فروشن آئيس جهڙي ڪڌي ڪاروباري ڪندڙن سميت سندن سرپرستي ڪندڙ پوليس عملي خلاف به ڪارروائي ڪري منشيات بند ڪرائي وڃي ته جيئن نوجوان نسل تباهي ڪناري کان بچي سگهجي.

بقايا 27

مستحق ماڻهن ۾ راشن ورهايو وڃي. پر هن سال ڳوٺ قادر بخش ملاح جي حقدار ۽ اصل مستحق ماڻهن کي نظرانداز ڪري من پسند ماڻهن کي راشن ڏنو ويو، جنهن تي مقامي خاندان هر هڪ وسايو ملاح، گل حسن ملاح، ۽ محرم ملاح پنهنجي خاندان سان گڏ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته، "انسان انتهائي غريب ۽ مستحق ماڻهو آهيون، مزدوري نه هجڻ برابر آهي، ۽ اسان جي گهرن ۾ فاقاڪشي روز جو معمول بڻيل آهي. هر سال اسان کي به راشن ڏنو ويندو هو پر هن سال اسان کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو.آهي هنن سرندي وارن ۽ مخير حضرات کي اپيل ڪئي ته هو اصل مستحق ماڻهن تائين راشن پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته جيئن اهي به رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ پنهنجي معصوم ٻچڙن جو پيٽ پالڻ جي قابل ٿي سگهن. مقامي ماڻهن جو مطالبو آهي ته ايڇ ڊي ايف اين جي اوز کي راشن ورهائڻ ۾ شفافيت آڻڻ گهرجي ۽ اصل حقدارن کي نظرانداز ڪرڻ بدران سندن ضرورتن کي اوليت ڏيڻ گهرجي.

بقايا 28

روڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام. مٺيائي ٿاڻي جي حد ڳوٺ بچو ڪوڪر ۾ نامعلوم چورن ڳاٽائي شوڪت ڪوڪر جي گهر جي ديوار کي ڪاٽ هڻي پلوڙ نسل جون ٽي ٻڪريون چوري ڪري فرار ٿي ويا ،خبر پوڻ تي ڳوٺاڻن پاران چورن جو پيڇو ڪيو ويو پر چور چوري ڪيل ٻڪرين سميت فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا متاثر شوڪت ڪوڪر ميڊيا وارن کي ٻڌايو ته چوري جي خبر پوڻ شرط اسان بار بار ايس ايڇ او مٺيائي کي ڪال ڪئي پر پوليس موقعي تي نه پهتي ،هن ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪندي چيو ته مان غريب مسڪين پورهيت آهيان منهنجي چوري واپس ڪرائي مونسان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 29

دخل ڪرڻ واري عمل خلاف متاثر خاندان سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي عزيز الله سولنگي، سندس ڌيءَ مسمات ماريا ۽ ٻين گهر ڀاتين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سندس سڳي پٽ عبدالله سولنگي جي زال صائمه، سندس ڀاءُ فرحان، فراز ۽ چار انجاتل ماڻهن زبردستي گهر ۾ گهڙي تشدد ڪيو عورتن ۽ ٻارن تي ظلم ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن کي ڇرين سان زخمي پڻ ڪيو.عزيز الله سولنگي ٻڌايو ته سندس پٽ عبدالله سولنگي تقريبن ڏيڍ سال اڳ صائمه سان پسند جي شادي ڪئي هئي جنهن ڪانپوءِ گهر ۾ ڇڪتاڻ هلندڙ هئي. هن الزام هنيو ته صائمه ڪيترائي ڀيرا انهن کان پئسن جي گهر ڪئي ۽ کين بليڪ ميل ڪندي رهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته صائمه تازو ٻيهر 10 لک رپيا گهرڻ شروع ڪيا ۽ جڏهن انڪار ڪيو ته صائمه پنهنجي گهر ڀاتين ۽ ڪجهه انجاتل ماڻهن کي گهرائي اسان تي حملو ڪيو متاثر خاندان مطابق حملو ڪندڙن گهر ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي قيمتي سامان ۽ نقدي ڦري ويا، ۽ کين زبردستي گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هن الزام هنيو ته حملي آورن گهر مان اڌ تولو سون، ٽي لک رپيا نقد، موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڪسي نامعلوم ماڻهن حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته پوليس ڪوبه تعاون نه پئي ڪري عزيز الله سولنگي ۽ سندس ڌيءَ ماريا وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو ته جڏهن هو واقعي جي رپورٽ داخل ڪرائڻ نيوپنڊ ٿاڻي تي ويا، ته پوليس سندن مدد ڪرڻ بدران، کين ڌڄائڻ ۽ ڌمڪائي موٽائي ڇڏيو آهي متاثر خاندان سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪئي وڃي، جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي، ڦريل سامان واپس ڪرائي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 30

رهيا آهن جڏهن ته ڇهه ڪئنال تي هي لکي ڏيئي آيا آهن ۽ صدر زرداري پڻ ان تي صحيح ڪئي آهي اهڙن خيالن جو اظهار مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري سورٺ ٿيٻو روزاني پاڪ کي خصوصي انٽرويو ڏيندي ڪيو هن چيو ته نواز شريف ان وقت ۾ مرحوم ايم پي اي الحاج امير بخش جوڻيجو سان مخاطب ٿيندي چيو هو ته جيستائين سنڌ جي هڪ ماڻهون کي به ڪالا باغ ڊيم تي اعتراض هوندو اوستائين ڪالا باغ ڊيم نه ٺهندو مسلم ليگي سنڌ جي عورت اڳواڻ چيو ته 6 ڪئنال جي حوالي سان مسلم ليگ سنڌ جي قيادت پاران وفاقي وزير احسن اقبال اڳيان سوال اٿاريو ويو هو جنهن چيو ته 1991 جي پاڻي واري معاهدي کان هڪ ڦڙو به وڌيڪ پاڻي کنيو ويو ته اسان سنڌ جي عوام جا ڏوهي هونداسين هن چيو ته پي پي وارن جي وفلجڻ مان ثابت آهي ته هي ڏوهاري آهن نواز شريف سياسي بصرت رکندڙ سياستدان آهن جنهن سنڌ کي امن امان ڏنو ڪراچي ۾ ٿيندڙ رتوڇاڻ کي بند ڪرايو نواز شريف هڪ قومي سوچ رکندڙ اڳواڻ آهي جتي ماڻهون سنڌي ٽوپي پائي نه ويندا هيا اتي سندين جو مان مرتبو بحال ڪرايو ۽ سنڌ مان ڊاڪول ڪلچر جو خاتمو آندي ان دور ۾ سائين جي ايم سيد جو پوٽو سنڌ اسمبلي جو اسپيڪر هيو نوازشريف لياقت جتوئي کي سنڌ جو وڏو وزير بنايو ۽ پوءِ هو پڄي ويو جن جو ڪو نظريو نه آهي نه وري هو ڪا نظرياتي سياست ڪن ٿا. هن چيو ته نواز شريف مريم نواز کي پنجاب جي وڏ وزارت ڏيڻي اصولي فيصلو ڪيو آهي ۽ مريم نواز نواز شريف جي سياسي بصيرت کي قائم رکندي پنهنجي صوبي جي عوام جي خدمت ڪري رهي آهي .هن اهو به چيو ته ماڻهن کي اصولي سياسست ڪرڻ گهرجي سياست پئسي لاءِ نه پر عزت ۽ غريب عوام جي خدمت لاءِ ڪرڻ گهرجي اسان جهڙا ننڍڙا ماڻهون جمي ويهي رهيا آهن اهو ئي سبب آهي جو اسان کي پارٽي ۾ عزت ملي رهي آهي . هن چيو ته صورتحال اها آهي جو ڪجهه ضلعن ۾ ماڻهون گهر اندر غير محفوظ آهن اغوا ڦرون ڌاڙا عروج تي آهن اغوا ٿي ويل پريا ڪماري هن وقت تائين بازياب نه ٿي سگهي آهي نه وري شهيد صحافي جان محمد مهر ۽ نصرالله گڏاڻي جا قاتل گرفتار ٿيا آهن. پي پي وارا 17 سالن کان حڪومت ۾ آهن پر سنڌ حڪومت ڪنهن به سيڪٽر ۾ ترقي نه ڪئي آهي 18 ترميم ڪانپوءِ هر هڪ صوبو با اختيار آهي مرڪز کي ڏوهي قرار ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ درست نه آهي هن اهو به چيو ته 2018 واري اليڪشن ۾ هٿ وٺي آر ٽي ايس کي ٺپاريو ويو ۽ ووٽ چورائي ڪري عمراني حڪومت قائم ڪئي وئي جنهن پنهنجي حڪومتي دور ۾ ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي ۽ ملڪي سياست ۾ بدتميزي جو ٻج ڇٽيو ملڪ کي ٻڏندو ڏسي مسلم ليگ (ن) پنهنجي سياست جي قرباني ڏيندي ملڪ جون واڳون سنڀاليون ۽ عمراني بادشاهيت واري خواب کي چڪناچور ڪري ڇڏيو جيڪو طالبان جو حامي آهي جنهن لکن جي تعداد ۾ طالبان کي ملڪ اندر غير قانوني آباد ڪيو هن چيو ته ڪوڙ ڳالهائڻ تحريڪ انصاف جو پراڻو طريقو بڻجي ويو آهي پي ٽي آءِ باني مخالفن کي نشانو بنائي پنهنجي انا کي سڪون پهچائيندو هو جيڪا کڏ هن مخالفن جي لاءِ کوٽي انهي ۾ هي پاڻ ڪري پيو آهي . هن چيو ته اسان جي قيادت پي ٽي آءِ جي دور ۾ ڪوڙن ڪيسن کي منهن ڏنو پر اسان جي قيادت جي خلاف ڪوبه هڪ ڪيس ثابت نه ٿي سگهيو.هن چيو ته مديني جي رياست جون ڳالهيون ڪندڙ توشه خانه ۽ 190 ملين پائونڊ کائي ويا. القادر ٽرسٽ جو اسلامي تج ڏنو ويو، چوري جي پئسن مان مسجد جي تعمير نٿي ڪري سگهجي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ماڻهن کي پنهنجي ووٽ جو تحفظ ڪرڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻولي شاهوڪار ٻولي تاريخي تهذيب رکندڙ ٻولي آهي جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست،شيخ اياز ,استاد بخاري ,جهڙا قومي شاعر آهن سنڌ ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ملڻ گهرجي. ڪراچي جي ڪجهه تعليمي ادارن ۾ سنڌين کي داخلائون نه ٿي ملن. سنڌي ٻولي جي حوالي سان نواز شريف سان ڳالهه ٻولهه ٿي هئي جنهن جو چوڻ هو ته ان لاءِ صوبن کي تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي ۽ انهن جي ڪوشش سان اهو ڪم ممڪن ٿي سگهي ٿو هن چيو ته موجوده وقت ۾ مسلم ليگ (ن) سنڌ جو صدر بشير ميمڻ زبردست ڪم ڪري رهيو آهي پوري سنڌ ۾ مسلم ليگ(ن) جي تنظيم سازي جاري آهي بشير ميمڻ محنت ڪري رهيو آهي تازو سکر ۾ اسان جو زبردست پروگرام ٿيو هن اهو به چيو ته 2010ع 2022 جي ٻوڏ ۾ خيرپور ناٿن شاهه تعلقي ۾ وڏي تباهيءَ برٻادي ٿي ماڻهن جا اربين کربين روپين جا فصل گهرءِ دوڪان تباهه ۽ برباد ٿي ويا ماڻهون اڄ به بک بدحالي جو شڪار آهن جن لاءِ پي پي حڪومت ڪجهه به نه پئي ڪري هن اهو به چيو ته مون کي پنهنجي فصل گهر وغيره جي ٻڏڻ جو ايترو ڏک نه آهي جيترو سندس ورگلزار ٿيٻو جي لائبريري ۾ پيل هزارين ڪتابن جي ٻڏڻ جو وڃڻ جو ارمان آهي جيڪو زندگي ڀر وسري نه سگهندو

بقايا 31

کي زير زمين ڪرڻ لاءِ سيپڪو سکر جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر کي خط لکي ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ ٽائون چيئرمين شاهه رخ انور سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته زير زمين وائرنگ شهري علائقن ۾ حادثن جي خطري کي گهٽائيندي، ناجائز تجاوزات کي روڪيندي ۽ شهر جي خوبصورتي کي بحال ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته اليڪٽرڪ پولن جي آڙ ۾ ٿيندڙ قبضن، گهمڻ ڦرڻ ۾ مشڪلاتن، ۽ مکيه روڊن توڙي گهٽين ۾ بجلي جي پولن سبب ٿيندڙ رنڊڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ، ڏڙي ٽائون انتظاميه واپڊا سان مڪمل سهڪار ڪندي، جڏهن ته شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت اسان جي پهرين ترجيح آهي. انڊر گرائونڊ سسٽم سان نه رڳو حادثن جو خطرو ختم ٿيندو، پر شهر جي مجموعي سونهن ۾ به اضافو ٿيندو شهرين جي تعاون سان ڏڙي ٽائون کي هڪ مثالي ٽائون بڻائينداسين.

بقايا 32

شاگردن اولڊ ڪيمپس کان مين گيٽ تائين ريلي ڪڍي سنڌو مان ڇهه ڪئنال اڏڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي رشيد سنڌي، ذيشان مگريو، ڪاشف سنڌي، ساگر سنڌي، فراز ميمڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا مظاهرين چيو ته سنڌو درياهه سنڌ کي سرسبز بڻائڻ سميت سنڌ جي ماڻهن جي جياپي جو واحد ذريعو آهي هنن چيو ته سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال اڏڻ واري منصوبي کي سنڌي ماڻهن جو معاشي قتل عام سمجهون ٿا هنن چيو ته سنڌ مان ڌارين جي آبادگاري، پاڻي رٿائن تحت سنڌ کي پاڻي گهٽ ملڻ ڪراچي جي ٻيٽن تي قبضا ٻحريا ٽائون جي اڏاوت، سنڌ جي زمين کي پنجاب جي ڪمپنين حوالي ڪرڻ، سنڌو درياهه مان ڇهه وڌيڪ ڪئنال ڪاهڻ سنڌ دشمن پاليسيون آهن جن جي مذمت ڪيون ٿا هنن چيو جيڪڏهن سنڌو مان ڇهه ڪئنال اڏڻ وارو منصوبو واپس نه ورتو ويو ته جساف طرفان سموري سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ کي وسيع ڪري سنڌ پنجاب جي بارڊر کي بند ڪنداسين ان موقعي تي پنجاب خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا 33

(ايس اين ايس) ۽ عوامي فورم جي ميمبرن جي هڪ تعزيتي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪيو هنن مقتول صحافي جي گهرياتين سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ يڪجهتي جو اظهار ڪيو سنڌي ميڊيا ۾ 25 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ڪم ڪندڙ سينيئر صحافي تشڪيل سنڌيلو 28 فيبروري 2025 تي شاهراه فيصل تي روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو، جنهن جي پهرين جاچ رپورٽ (FIR) سومر تي ٽيپو سلطان پوليس اسٽيشن ۾ نامعلوم ڪار ڊرائيور خلاف داخل ڪئي وئي. محدود تنخواه جي ڪري، تاسڪيل پنهنجي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ ان ـ ڊرائيو سروس سان پارٽ ٽائيم نوڪري ورتي ته جيئن هن جو خرچ پورو ٿي سگهي. تيزرفتار ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب مسافر ثاقب امتياز سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. فوتين جا لاش ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيا ويا، جن کي وارثن حوالي ڪيو ويو. صحافين، دوستن ۽ گهرياتين وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪندي سنڌ حڪومت ۽ صحافين جي ادارن کي اپيل ڪئي ته سندس وارثن جي مدد ڪئي وڃي، پونيئرن ۾ سندس زال ۽ ٽي ٻار آهن.

بقايا 34

۽ آءِ ايم ايف پروگرام ۾ رڪاوٽون ختم ڪرڻ لاءِ مان ۽ آرمي چيف دوست ملڪن وٽ وياسين. اسلام آباد جي ڪنوينشن سينٽر ۾ حڪومت جي هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي ڪابينا جي خاص اجلاس کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته حڪومت کي اڄ هڪ سال مڪمل ٿي ويو آهي، پر اپوزيشن اسان خلاف ڪو به اسڪينڊل نه آڻي سگهي. هن چيو ته رمضان جو مهينو اسان کي انسانيت جي خدمت جو درس ڏئي ٿو ان ئي جذبي تحت هن سال رمضان پيڪيج لاءِ 20 ارب رپيا مختص ڪيا آهن. جيڪي ملڪ جي 40 لک ڪٽنبن تائين پهچايا ويندا. وزيراعظم جو چوڻ هو ته فلسطيني ۽ ڪشميري عوام سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪرڻو پوندو، ڇو ته غزه ۾ 50 هزار کان وڌيڪ بيگناهه شهيد ٿي چڪا آهن ۽ ڪشميري به ظلم جو شڪار آهن. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت جي گڏيل ڪوشش سان ملڪ کي ڏيوالي کان بچايو، هاڻي عالمي ادارا به مڃي رهيا آهن ته پاڪستان جي معيشت هاڪاري رخ ۾ اڳتي وڌي رهي آهي. شهباز شريف چيو ته آءِ ايم ايف پروگرام لاءِ اسان کي 5 ارب ڊالر جو فرق ختم ڪرڻو هو جنهن لاءِ مان ۽ آرمي چيف مختلف دوست ملڪن وٽ وياسين، سعودي عرب تيل جي سهولت بحال ڪئي ۽ گڏيل عرب امارات 2 ارب ڊالر جو اوور رول ڪيو. وزيراعظم جو وڌيڪ چوڻ هو ته گڏجي ڪم ڪرڻ سبب مهانگائي گهٽجي رهي آهي. اسان کي هڪبئي جون ٽنگون نه ڇڪڻ گهرجن، ملڪ جي تقدير بدلائڻ لاءِ گڏجي محنت ڪرڻي پوندي.

بقايا 35

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري پاران ناز بلوچ سان سندس فرزند ابراهيم بلوچ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري جو ابراهيم بلوچ جي ڀيڻ، قومي اسيمبلي جي ميمبر ناز بلوچ ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان مصطفي عبدالله بلوچ سان به ڀاءُ جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري طرفان ابراهيم بلوچ جي والده سان به غم جي ان گهڙيءَ ۾ تعزيت ڪئي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري طرفان ابراهيم بلوچ جي بلند درجن لاءِ فاتحه خواني ۽ وارثن لاءِ صبر جي دعا ڪئي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان گڏ شيرين رحمان، وقار مهدي، سعيد غني، عبدالقادر پٽيل ۽ ٻين پڻ سوڳوار خاندان سان تعزيت ڪئي.

بقايا 36

اڄ به بک بدحالي جو شڪار آهن جن لاءِ پي پي حڪومت ڪجهه به نه پئي ڪري هن اهو به چيو ته مون کي پنهنجي فصل گهر وغيره جي ٻڏڻ جو ايترو ڏک نه آهي جيترو سندس ورگلزار ٿيٻو جي لائبريري ۾ پيل هزارين ڪتابن جي ٻڏڻ جو وڃڻ جو ارمان آهي جيڪو زندگي ڀر وسري نه سگهندو

بقايا 01

پروگرام تحت ضلعي اسپتال دادو ۾ افطار دعوت جو اهتمام ڪيو ويو جتي 100 کان وڌيڪ روزيدارن کي افطار ڪرائي وئي. ان موقعي تي پاڪستان بيت المال ضلعي دادو جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر محمد افضل سومرو چيو ته رمضان المبارڪ جي روحاني ماحول ۾ هي ڪوشش پاڪستان بيت المال فلاحي ڪمن جو حصو آهي جيڪا وزير اعظم پاڪستان ۽ مينيجنگ ڊائريڪٽر جي خاص هدايتن تي پورو رمضان جاري ۽ ساري رهندي ته جيئن رمضان جي مبارڪ مهيني دوران عوام جي ڀلائي لاءِ مختلف رليف سرگرميون مهيا ڪيون وڃن. افضل سومرو وڌيڪ چيو ته عوام جي خدمت ڪرڻ پهرين ترجيح آهي پروگرام جو مقصد هن ڀلاري مهيني ۾ مستحق ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ سنڌن کي افطار ڪرائڻ هو ان موقعي تي سماجي تنظيم انڊس رورل ڊولپمينٽ سوسائٽي جي جنرل سيڪريٽري مجاهد عباس چيو آهي ته گڏيل ڪوششون ماڻهن جي زندگين ۾ مثبت تبديليون آڻينديون آهن پاڪستان بيت المال سان هن نيڪ عمل ۾ ڀائيواري ڪرڻ جو مقصد به اهوئي آهي ته گڏجي سڏجي غريب، مسڪين، مفلس ۽ نادار ماڻهن جي دردن جو درمان بڻجي سگهجي. اسين پاڪستان بيت المال جي سهڪار ڪرڻ تي مينيجنگ ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽر سنڌ ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر دادو جا شڪر گذار آهيون.

بقايا 02

سوڍر کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي. عورت سڪينه سوڍر پنهنجي مڙس اقبال سوڍر سان گڏجي ميهڙ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو. سڪينه سوڍر ڏانهنديدي الزام هنيو ته مونکي پنهنجي والد جي حصي مان گهر مليل آهي، جنهن تي منهنجي ڀائرن اڪبر ۽ بخشل سوڍر لالچ ۾ اچي مونکي مارڪٽ ڪري گهر مان ڪڍي منهنجي ڀائرن گهر تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ مونکي گهرا ڇڻ نٿا ڏين مان در بدر آهيان. مون اهڙي رپورٽ بي سيڪشن پوليس وٽ داخل ڪرائي آهي پر بي سيڪشن پوليس مون سان انصاف نٿي ڪري هن اعليٰ اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته گهر تي ٿيل قبضو ختم ڪرايو وڃي.

بقايا 03

منعقد ڪرائي وئي ڪيترن ئي بجلي صارفين جا بل درست ڪرايا ويا ۽ شڪايتون ٻڌيون ويون ايس ڊي او سب ڊويزن گوليمار نواز شريف جو بجلي چوري استعمال ڪندڙن کي قانوني طور بجلي استعمال ڪن پرائيويٽ لائن مينن خلاف به ڪيس داخل ڪرايا ويندا ان سلسلي ۾ سيپڪو بورڊ آف ڊائريڪٽر ميمبر ۽ پاڪستان مسلم ليگ ن جي ضلعي صدر سکر خورشيد احمد ميراڻي ن ليگ ضلعي سيڪريٽريٽ آفيس ۾ بجلي صارفين جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪرائي جنهن ۾ ايس ڊي او سب ڊويزن گوليمار نوازشريف سميت اسٽاف بجلي صارفين جون شڪايتون ٻڌيون ۽ موقعي تي ئي بجلي جي واڌو بلن سميت ٻيا مسئلا حل ڪيا ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي خورشيد احمد ميراڻي چيو ته ن ليگ قائدين ۽ وزيراعظم پاڪستان ميان محمد شهباز شريف ۽ وفاقي وزير واٽر اينڊ پاور جي خصوصي هدايتن تحت رمضان شريف جي مقدس مهيني ۾ عوام جي جائز شڪايتن جي آزالي لاءِ ضلعي آفيس ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪرائي آهي جتي وڏي تعداد ۾ بجلي صارفين جا مسئلاحل ڪرايا آهن جڏهن ته ضلعي جي ٻين سب ڊويزن جي بجلي صارفين جا مسئلا حلا ڪرائڻ لاءِ اوپن ڪچهريون ڪرايون وينديون ته جيئن ضلعي واسين کي رليف ملي پاڪستان مسلم ليگ ملڪ جي وڏي سياسي جماعت آهي ن ليگ جي حڪومت عوامي خوشحالي ۽ ملڪي معيشت جي بهتري لاءِ اسرائتا قدم کنيا آهن پنجاب ۾ به محترمه مريم نواز جي حڪومت ريڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن هن وقت ملڪ ترقي جي پٽڙي تي هلي چڪو آهي ۽ جلد ئي پاڪستان پرڏيهي قرضن کان آجو ٿيندو اوپن ڪچهري ۾ موجود ايس ڊي او گوليمار نواز شريف بجلي چوري ڪندڙن کي خبردار ڪندي چيو ته قانوني طور بجلي استعمال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سنڌن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ پرائيويٽ لائنن کي به خبش نه ڪيو ويندوڪليل ڪچهري ۾ ن ليگ ضلعي ميڊيا ڪو آرڊينيٽر عبدالفتاح ابڙو سميت ن ليگ ڪارڪن پڻ موجود هئا

بقايا 04

احتجاج ڪيو ويو آهي اسٽاف ۽ ڊاڪٽرن الله بچايو ميمڻ، هالار ميمڻ، رخسانه ميمڻ، مريم ميمڻ، اعجاز ڪملو علي پناه شاهه، شعبان سهتو ۽ ٻاران ڊيوٽي ٽائيم وڌائڻ خلاف احتجاج ڪيو مظاهري ۾ شامل ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته رمضان شريف جي مهيني اندر روزي جي حالت ۾ او پي ڊي سنڀالڻ ڏکيو آهي مٿان وري هڪ ڪلاڪ ٽائيم وڌايو ويو آهي روزي جي صورت ۾ ڊيوٽي سان گڏ عبادت ڪرڻ لاءِ به وقت جي وقت جي ضرورت آهي اهڙي حالت ۾ ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف کي سخت مشڪلات پيش اچي رهي آهي اسپتال جي ايڊمنسٽريٽر جو اسٽاف سان رويو صحيح نه آهي هنن پي پي ايڇ آئي ۽ صحت کاتي جي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته صبح او پي ڊي جو ٽائيم 8 بجي کان 1 بجي تائين مقرر ڪري ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف مان بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي پاسي اسپتال جي ايڊمن شجاع محمد سومرو الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته ڊيوٽي ٽائيم جو نوٽيفڪيشن پي پي ايڇ آئي جي هيڊ آفيس طرفان جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ اسان مقامي انتظاميا جو ڪو عمل دخل نه آهي اسٽاف کان ڊيوٽي وٺڻ اسان جو فرض آهي احتجاج بلاجواز آهي.

بقايا 05

وڌي وئي. هڪ رات ۾ 3 دڪانن کي ڪاٽ. شهرين دڪاندارن ايسوسيئيشن جي صدر شفيق احمد چنا جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو. ٽائرن کي باهيون روڊ بلاڪ. ان موقعي تي دڪاندار ايسوسيئيشن جي صدر شفيق احمد چنا - شهري اتحاد جي صدر عبدالقادر ٻگهيو - محبوب بروهي - محمد خان گائينچو- علي اصغر تيوڻو- محبت گائينچو- علي رضا گائينچو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ڌرڻو هنيو ويو- ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هڪ رات ۾ ٽن دڪانن کي ڪاٽ هنيو ويو آهي پوليس ڌوهارين سان مليل آهي. فريدآباد شهر ڌوهارين حوالي ڪيو ويو اهي. شهر ۾ هر روز دڪانن کي ڪاٽ هڻي لکين روپين جون چوريون ڪرايون وڃن ٿيون- شهري- واپاري دڪاندار ڪاروبار ڪري نٿا سگهن- هنن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته ڌوهارين خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 06

آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ يوڪرين لاءِ سموري فوجي امداد روڪي ڇڏي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي عهديدار چيو ته صدر ٽرمپ واضح ڪيو آهي ته سندس ڌيان امن تي آهي، ٽرمپ چيو آهي ته اسان جي ڀائيوارن کي به ان مقصد لاءِ پرعزم ٿيڻ جي ضرورت آهي، اسان پنهنجي امداد روڪي رهيا آهيون ۽ ان جو جائزو وٺنداسين.

بقايا 07

پوليس اهلڪار چاچي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي عظميٰ احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته منهنجي پيءُ پاءُ سليم ۽ چاچي پوليس اهلڪار مختيار علي ڪلهوڙو منهنجي ماسات وقار ڪلهوڙو کان منهنجي سنگ عيوض 5 لک روپيا ورتا، پئسن وٺڻ بعد سنگ ڏيڻ کان انڪار ڪندي ٻئي هنڌ وڪرو ڪرڻ پئي چاهيو. جنهن بعد 5 مهينا اڳ مون پنهنجي ماسات وقار سان گڏ ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ نڪاح ڪيو. منهنجا مائٽ، منهنجي ساهرن، مڙس منهنجي جان جا ويري بڻجي ويا آهن ۽ اسان مٿان رحمت پور ٿاڻي تي منهنجي ساهرن ۽ مڙس مٿان منهنجي اغوا جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ سان گڏوگڏ قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيئن ته منهنجا مائٽ ۽ چاچو مختيار ڪلهوڙو جيڪو ڪورٽ پوليس اهلڪار آهي مون کي ۽ منهنجي ساهرن کي ڪو به نقصان پهچائي سگهن ٿا

بقايا 08

آمد جو سلسلو به جاري آهي. رمضان ۾ چوڻ سخاوت معمول کان وڌي ويندي آهي، تنهن ڪري پينن لاءِ اهو مهينو ثواب کان وڌيڪ پيسو ڪمائڻ جو هوندو آهي ۽ هر سال رمضان ايندي ئي لکين جي اٽڪ ۾ پينو به ڪراچي پهچي ويندا آهن، هن سال به ملڪ جي مختلف علائقن مان پيشيور پينو فقيرن ڪراچي جو رُخ ڪري ورتو آهي. رپورٽن موجب هيل تائين تقريبن 3 لک کان وڌيڪ پينو شهر ۾ داخل ٿي چڪا آهن. جڏهن ته ٽرينن، بسن ۽ پرائيويٽ گاڏين ذريعي پينن جي وڌيڪ آمد جو سلسلو جاري آهي. پينو مافيا بازارن، روڊن ۽ فٽ پاٿن تي ديرا ڄمائي ورتا آهن، جيڪي حقدارن جو حق به ماري رهيا آهن.

بقايا 09

اڄ جي جديد دور ۾ به اونداهه ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ به بجلي جي نه هجڻ سبب علائقي واسي سخت پريشان آهن اونداهه سان گڏوگڏ مڇرن جي يلغار به رهواسين جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي ان ڏس ۾ رهواسين رو ڪمار، عبدالڪريم عباسي، ارباب سولنگي، رجب پنهور، ميول ميراڻي، راجو مسيح ۽ ٻين ٻڌايو ته ماضي ۾ به ريلي ڪاٽو ڪالوني کي بجلي فراهم ڪندو هو پر پوءِ هي ذميواري سيپڪو حوالي ڪئي وئي 28 مهينن تائين سيپڪو ڪو به بجلي جو بل جاري نه ڪيو ۽ جڏهن رهواسين ڪيترائي ڀيرا آفيس جا چڪر لڳايا ته اوچتو 28 مهينن جا بجلي جا بل هڪ ئي وقت موڪلي ڇڏيا رهواسين موجب بجلي جي ٽيرف ۾ تبديلي سبب معمولي رقم جا بل لکين رپين تائين پهچي ويا. جيڪي ملازمن ۽ گهٽ آمدني وارن ماڻهن لاءِ ادا ڪرڻ ناممڪن آهي حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته بجلي بند هئڻ جي باوجود به بل موڪليا پيا وڃن جنهن کي رهواسين ظلم ۽ زيادتي قرار ڏنو آهي هنن شڪايت ڪئي ته ايس اي سيپڪو کي فورس سان بجلي ڪٽڻ ته اچي ٿو پر صارفين سان ٿيندڙ ناانصافين تي اڪ ٻوٽي آفيس ۾ ويهي رهڻ جو عادتي بڻجي ويو آهي هنن زور ڏئي چيو ته سيپڪو کي فوري طور تي ان زيادتي جو ازالو ڪرڻ گهرجي ريلوي برج ڪالوني جي رهواسين ٻي او ڊي سيپڪو سي اي او سيپڪو ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان اپيل ڪئي آهي ته فوري طور تي بجلي بحال ڪئي وڃي ته جيئن رمضان ۾ روزا رکڻ ۽ عبادت ڪرڻ ۾ آساني ٿئي اضافي بلن جي درستگي لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي، جيڪا غير حقيقي ۽ واڌايل بلن کي گهٽائي، اصل واجب الادا رقم جو تعين ڪري رهواسين مطالبو ڪيو ته بل قسطن ۾ ادا ڪرڻ جي سهولت ڏني وڃي ته جيئن ملازم ۽ عام رهواسي آسانيءَ سان ادائيگي ڪري سگهن رهواسين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن سندن مسئلا حل نه ڪيا ويا ته هو سيپڪو خلاف سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

بقايا 10

عبدالحق لغاري جيڪو پنهنجي پمپ کان سانگهڙ ڪيش کڻي وڃي رهيو هو ته سم نالي وٽ نامعلوم موٽرسائيڪل سوار ڦورو کيس هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي وڏي رقم ڦري فرار ٿي ويا. واقعي بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪئي، جڏهن ته علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو پوليس موجب، ڦورن جي سڃاڻپ لاءِ جاچ جاري آهي، جڏهن ته جلد ئي کين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو متاثر ڌر انصاف جي گهر ڪندي جوابدارن جي جلد گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 11

سانحي جي فريادي ڌر فدا حسين جوڻيجو ۽ عرفان جوڻيجو گوٺ جاني جوڻيجو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان جو عدالت تي اعتماد آهي باقي پوليس پنهنجو صحيح ڪردار ادا نه پئي ڪري هنن عدالت پاران جوابدارن جي ضمانت رد ڪرڻ جي فيصلي تي اطمينان جو اظهار ڪندي جوابدارن کي سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو فريادي فدا حسين جوڻيجو چيو ته، "اسان سڄي سنڌ جي ماڻهن جا شڪرگذار آهيون، جن اسان جو ساٿ ڏنو. عدالت مان اميد آهي ته جوابدارن کي سخت سزا ملندي، پر پوليس پهرين ڏينهن کان کمداري وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ان مان ڪا به اميد ناهي." هن وڌيڪ چيو ته اڄا تائين هٿياربند علائقي ۾ اچن پيا، جنهن سبب ماڻهو خوف ۾ مبتلا آهن. عرفان جوڻيجو ڳالهائيندي چيو ته، "اسان جو الله تي ڀروسو آهي. اسان جا شهيد بيگناهه هئا، سندن خون رائيگان نه ويندو اسان ڪنهن به صورت ۾ خونن جي سوديبازي نه ڪنداسين.

بقايا 12

گهوٽڪي ٻهتو بازارن جو دورو ڪري عام واهپي جي شين جا اگهه معلوم ڪيا. دوڪاندارن کي منافعي خوري نه ڪرڻ جي تنبيهه خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي، اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي نويد ڪي ساڻ ڪري سستي ڪنڊ جي اسٽال ۽ گهوٽڪي جي بازارن جو دورو ڪري عام واهپي جي شين جا اگهه معلوم ڪيا. ان موقعي تي هن دوڪاندارن کي سختي سان هدايت ڪندي چيو ته عام واهپي جون شيون حڪومت پاران مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو ڪيون وڃن ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي پاران جاري ڪيل اگهوٽريون نمايان لڳايون وڃن ته جيئن خريدارن کي اگهن متعلق ڄاڻ ملي سگهي. هن چيو ته ڪنهن کي به من پسند اگهه وصول ڪري منافعي خوري ڪرڻ جي اجازت نه نه ڏبي، منافعي خورن مٿان ڳرا ڏنڊ لاڳو ڪري کين جيل موڪليو ويندو انڪري دوڪاندار پنهنجو قبلو درست ڪري انتظاميه جي هدايتن تي عمل ڪن.

بقايا 13

ڪندي چيو آهي ته پ پ پ حڪومت ۽ پوليس هر روز اهو ثابت ڪن ٿا ته هي سنڌ ناهن. سنڌ جا بدترين دشمن آهن. مادر علمي جا شاگرد سنڌ جو مستقبل آهن. اهي پنهنجي سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاج ڪري رهيا هئا، جيڪو انهن جو قانوني، آئيني، بنيادي حق آهي. انهن مٿان بدترين تشدد ڪري سنڌ حڪومت آمريت جي ياد تازي ڪئي آهي. ملڪ ۾ جمهوريت جي نالي ۾ ڊڪٽيٽر شپ آهي، جيڪا قومن جي حقن ته ڌاڙا هڻي رهي آهي. جنهنجا نتيجا انتهائي خطرناڪ نڪري سگهن ٿا. حڪمران اقتدار ۽ پاور جي نشي ۾ بيهوش آهن. موجود حڪومت ملڪ لاءِ رسڪ بنجي وئي آهي، خطرو بنجي وئي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌو درياهه اسان جي بقا جو ذريعو آهي، درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. 6 نوان ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ ٺاهڻ نه ڏينداسين. چولستان سميت سنڌ دشمن ڪئنالن خلاف سنڌ جي ماڻهن کان پراحتجاج جو حق ڪو به ڪسي نٿو سگهجي. احتجاجن کي دٻائڻ جي جيتري به ڪوشش ڪئي ويندي ايترو شدت سان احتجاجي لهر شروع ٿيندي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن سان ڌوهارين جهڙو سلوڪ ڪيو ويو آهي، تشدد ۾ ملوث پوليس آفيسرن کي نوڪرين تان برطرف ڪيو وڃي. سنڌ حڪومت جو اهو رويو سنڌ جي ماڻهن ۾ انارڪي ۽ شديد بيزاري کي جنم ڏئي رهيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ حڪومت ٻڌائي ته ڇا سنڌي ماڻهو پرامن احتجاجن بدران قانون هٿ ۾ کڻن؟ بدمست حڪمران سمجهي ڇڏين ته عوام جي آواز کي لٺ يا بندوق جي زور تي دٻائڻ جا خطرناڪ نتيجا نڪرندا. سنڌي ماڻهن کي ديوار سان لڳايو وڃي. گرفتار شاگردن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 14

جي قتل ۾ ملوث بجائي ڪجهه ٻيا هٿ ملوث هجڻ جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا آهن. پنهنجي وڊيو بيان ۾ ڊاڪٽر آڪاش جي گهر واري اهو به چيو آهي ته سندس گهر واري ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي قتل جي اڌري جانچ ڪئي وڃي هو ڪنهن جو نالو نه ٿي کڻي پر سندس پٽ کي بي گناهه ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ڊاڪٽر آڪاش انصاري جا اصل قاتل ڳوليا وڃن. هن مبينا جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ اڳين به چيو آهي ته جيڪڏهن هو ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي قتل ۾ ملوث هجي ها ته جنازي ۾ ڪڏهن به شرڪت نه ڪري ها ۽ روپوش ٿي وڃي ها پر هن کي جنازي مان گرفتار ڪيو ويو آهي هن چيو ته اڳ ئي گهرواري جي وڇوڙي مون کي بي حال ڪري ڇڏيو آهي مٿان وري پٽ کي گرفتار ڪري منهنجي تڪليف ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته منهنجي ٻچڙي کي بچايو وڃي جو ته هڪ ٻچڙي جو درد هڪ ماءُ ئي ڄاڻي سگهي ٿي ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي گهرواري جو اهڙو وڊيو بيان جاري ٿيڻ کان پوءِ سوين سوال ڪر کڻڻ لڳا آهن.

بقايا 15

وڌيون تبديليون ڪيون ويون آهن. وڏن نالن کي مختلف فارميٽ ۾ ورهايو ويو آهي. قومي ٽيم جي هيڊ ڪوچ عاقب جاويد اسڪواڊ جو اعلان ڪيو ۽ ٻڌايو ته ون ڊي جو ڪپتان محمد رضوان ئي هوندو جڏهن ته ٽي ٽوئنٽي ۾ انهي جي جڳهه سلمان علي آغا ٽيم جي قيادت ڪندو ۽ شاداب خان نائب ڪپتان هوندو. سلمان ۽ شاداب کي ٽي ٽوئنٽي ڪپتان ۽ نائب ڪپتان مقرر ڪرڻ جو فيصلو ايندڙ ٻن وڏن ٽورنامينٽ مينز ٽي ٽوئنٽي ايشيا ڪپ 2025/سيپٽمبر 2025) ۽ آءِ سي سي مينز ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ فيبروري مارچ 2026 کي ڏسندي ڪيو ويو. 15 رڪني ون ڊي اسڪواڊ ۾ محمد رضوان(ڪپتان) سلمان علي آغا(نائب ڪپتان) عبدالله شفيق، ابرار احمد، عاقب جاويد، بابر اعظم، فهيم اشرف، امام الحق، عرفان خان نيازي، خوشدل شاهه، محمد علي، محمد وسيم جونيئر، نسيم شاهه، سفيان مقيم ۽ طيب طاهر شامل آهن. اوپنر فخرالزمان ۽ صائم ايوب کي طبي مشوري تي ٻنهي فارميٽ جي لاءِ غور هيٺ ناهي آندو ويو 16 رڪني ٽي ٽوئنٽي اسڪواڊ: سلمان علي آغا) ڪپتان) شاداب خان(نائب ڪپتان) عباس آفريدي، عبدالصمد، ابرار احمد، حارث رئوف، حسن نواز، عرفان خان نيازي، جهانداد خان، خوشدل شاهه، محمد علي، محمد حارث، عمير بن يوسف، شاهين شاهه آفريدي، سفيان مقيم ۽ عثمان خان شامل آهن.

بقايا 16

ڪاتي جي صوبائي وزير مير طارق علي ٽالپر اين جي اوز هيلپ ڊيسڪ جو افتتاح ڪري ڇڏيو هيلپ ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو مقصد غير سرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) جي رجسٽريشن. انهن خلاف شڪايتن تي ڪارروائي ڪرڻ ۽ انهن جي مسئلن جو حل فراهم ڪرڻ آهي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير چيو ته سنڌ سرڪار اين جي اوز جي رجسٽريشن جو عمل جاري رکيو آهي، پر ايف اي ٽي ايف جي شرطن سبب رجسٽريشن جي عمل کي وڌيڪ سخت ڪيو ويو آهي. "صرف اهي اين جي اوز رجسٽر ڪيون پيون وڃن، جيڪي ميرٽ تي پوريون لهنديون ۽ قانوني گهرجون پوريون ڪنديون." صوبائي وزير واضح ڪيو ته اين جي اوز جو مڪمل رڪارڊ موجود آهي، پر انهن جي مانيٽرنگ لازمي آهي. ان مقصد لاءِ سماجي ڀلائي ڪاتي طرفان اين جي اوز هيلپ ڊيسڪ قائم ڪئي وئي آهي، جيڪا شڪايتن جو ازالو ڪندي ۽ ضابطا اخلاق جي ڀڃڪڙي تي ڪارروائي ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته سماجي ڀلائي ڪاتي جي نگراني هيٺ هلندڙ ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽس ۾ شاگردن کان ڪا به فيس نه ورتي ويندي ۽ مفت تعليم فراهم ڪئي ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ صوبائي وزير چيو ته اين جي اوز جي حوالي سان سياسي پارٽين جي فلاحي تنظيمن خلاف ڪا به شڪايت نه ملي آهي. هن وڌيڪ وضاحت ڪئي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ يو ايس ايڊ جي فنڊنگ بند ڪري ڇڏي آهي، جنهن سبب ڪجهه تنظيمن کي مشڪلاتون پيش اچي سگهن ٿيون. صوبائي وزير عزم جو اظهار ڪيو ته سماجي ڀلائي ڪاتو عوامي فلاحي منصوبن تي ڪم جاري رکندو ۽ اين جي اوز جي معاملن ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو

بقايا 17

اڏامندي جيين هاڪڙو ۽ سرسوتي ندين جي بند ٿيڻ سبب اڄڙو ٿر ٿهي ويو جتي هاڪڙي واري ۽ ڌوڙ اڏامندي آهي - اهڙو اظهار شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ڀڳت ڪبير جي شارح ۽ پارکو جناب انب گوپانگ گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ پنهنجي رهائشگاهه تي شاهه عنايت شهيد سوشلسٽ فورم جي چيرمين گل محمد منگي ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ جي سرواڻ ۽ ناليواري ڪالم نويس عبداللطيف راولاڻي سان ڳالهائيندي ڪيو جن انب گوپانگ جي گهروڃي سندس عيادت ڪيي - ان موقعي تي گل محمد منگي چيو ته جهوڪ تايين پاڻي جي رسايي اسان جي ريڊ لايين آهي. جڏهن ته لطيف راولاڻي جيڪو ڪاري چاڻ جو جائو آهي تنهن ٻڌايو ته سنڌ جو ڊيلٽا ختم ٿيڻ سبب ڪيٽي بندر، ڪاروچاڻ ۽ سوڪي بندر اڄ سمنڊ جي اندر هليا ويا آهن - لکين ايڪڙ زمين سمنڊ کايي ويو ۽ اڄ هر طرف بک ۽ بدحالي واڪا پيي ڪري - انب گوپانگ چيو ته دنيا ۾ ڪٿي به آباد ٿيندڙ زمينن کي برباد ڪري انهن کي ريگستان بڻايي ۽ وري ريگستان کي آباد ڪرڻ جو اهڙو مثال نه ٿو ملي جهڙو پاڪستان ۾ تازو قائم ڪيو پيو وڃي- هن چيو ته شاهه لطيف اڄ کان 300 سال اڳ اسان کي خبردار ڪري ويو آهي ته جڏهن درياءُ جو پاڻي بند ڪيو ويندو آهي ته پوءِ ڌوڙ اڏامندي آهي ۽ بربادي ۽ بک اچي واسو ڪندي آهي- شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ درياءُ بند ٿيڻ جي صورت ۾ جيڪو منظر چٽيو آهي اهو ڏاڍو خطرناڪ آهي- انب گوپانگ چيو ته شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ جيڪو منظر چٽيو آهي درياءُ بند ٿيڻ کانپوءِ جا ٿيندو ان تي ڀلي اوهان هزارين ڪتاب لکو يا وري سوين ماڻهون ويهي ان تي ڳالهايين پر جيڪو مواد شاهه سايين جي بيتن ۾ موجود آهي اهڙو مواد اوهان کي ڪير به ڪونه ڏيي سگهندو. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته "پونءِ مٽي پوروسي جي وهڻ اچي ويلو ڪري — سنگ پڇندين سين ڪٿو ڪايا نه ڪري". مطلب ته جيڪڏهن درياءُ بند ٿي وڃي يا درياءُ بيهجي وڃي ته جيين درياءُ جي اندر واري اڏامندي آهي ساڳي طرح سان ڌرتيءَ تي ڌوڙ اڏامندي- انب گوپانگ چيو ته جهڙي طرح اڄ وچ اوڀريا سنڌ جي ٿرواري ريگستان ۾ رڳو واري ۽ ڌوڙ ٿي اڏامي ساڳيو حشر سڄي سنڌ سان ٿيندو. هن چيو ته درياءُ تي ناڪا هڻڻ سبب جهڙي طرح سنڌ جا سهڻا شهر ڪاروچاڻ ۽ ڪيٽي بندر تباهه ٿي ويا آهن ۽ سوڪي بندر سمنڊ جي پاڻي اندر هليو ويو آهي ساڳيو حشر سنڌ سان ٿيندو ۽ سنگهن ۾ پيل آن به سڪي ويندو. هن سنڌ جي ماڻهن خاص ڪري ساڃاهه وندن، اديبن ۽ شاعرن کي اپيل ڪيي ته هو درياءُ تي لڳندڙ ڌاڙي تي خاموش ويهڻ بجاءِ احتجاج ۽ مزاحمت ڪن ٻيي صورت ۾ ميت کي غسل ڏيارڻ ۽ نماز لاءِ وضو ڪرڻ جيترو به پاڻي نه ملندو. هن چيو ته درياءُ تي ڌاڙي سان اسان جي جياپي، ثقافت ۽ ادب تي به ناڪاري اثر پوندا ۽ اهڙي تباهي ٿيندي جو ان جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي.

بقايا 18

- پ پ واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙهڻ بند ڪري. سنڌ جو عوام سندس اصليت سڃاڻي چڪو آهي- اهڙو اظهار عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي صدر ڪامريڊ ضياءَ ڀٽيءَ سکر ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي ڪيو- هن چيو ته وزيرن جو اهو چوڻ ته سنڌو دريا مان ڪينال ڪڍڻ نه ڏيبا- تمام گهڻو مذاق خيز آهي. ڇاڪاڻ ته ڪينالن جي منظوري پاڻ پ پ جي صدر ڏنو آهي- هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي عوام هن وقت تمام مشڪل حالتن ۾ آهي. سيني ڌرين کي پنهنجا انفرادي ويڇا پاسيرا رکي سنڌي عوام جي ڀلايي خاطر ڪينالن خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ گڏجڻ گهرجي. جهڙي ريت ڪالاباغ ڊيم جي تعمير خلاف سيپي متحد ٿي جدوجهد ڪيي هيي - هن چيو ته سنڌ جي ڪارخانن ۽ ادارن ۾ مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ مذمت جوڳو عمل آهي- اي ڊبليو پي ان تي سخت احتجاج ڪري ٿي-

بقايا 19

پارڻن عاليا، ثناءالله ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ميهڙ ۾ تعلقي اسپتال راڌڻ چوڪ کان ميهڙ پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪري 2 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪيو ۽ ڌرڻو هنيو. هنن قاتل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي. هنن داهيندي چيو ته ڏيڍ سال اڳ ۾ گوٺ خميسو خان ڪوسو ۾ مڇي جي پاڻدي تان جوابدارن حملو ڪري فائرنگ ڪري ٻن سڳن ڀائرن منور ڪوسو ۽ نثار ڪوسو کي بيدردي سان قتل ڪيو پر ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ڏيڍ سال گذرڻ باوجود مقتول ڀائرن جا قاتل جوابدار گرفتار ناهي ڪري سگهي، ٻٽي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار راشد ڪوسو، رضوان، وحيد ۽ گلزار ڪوسو آزاد گهمي رهيا آهن ۽ اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون پيا ڏين. هنن مطالبو ڪيو مقتول ڀائرن جا سمورا قاتل جوابدار گرفتار ڪيا وڃن نه احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا 20

سوسائٽي جي نمائندن، وڪيلن، سرڪاري ادارن جي آفيسرن، استادن ۽ شاگردن سميت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. واڪ ۾ شامل ماڻهن منشيات جي لعنت خلاف ڀرپور نعرا هنيا ۽ مطالبو ڪيو ته سکر ۾ وڌندڙ منشيات جي استعمال ۽ وڪري کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. مقررن خطاب ڪندي چيو ته منشيات نه صرف نوجوان نسل کي تباهه ڪري رهي آهي پر سماجي برائين ۽ ڏوهن ۾ واڌ جو سبب پڻ بڻجي رهي آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي سخت قدم کڻڻ گهرجن. آگاهي واڪ جي اڳواڻي ڪندڙن ايڊووڪيٽ شفيع بخاري، زبير مهر، ثناءالله مهر، عذرا جمال ۽ ٻين سماجي اڳواڻن چيو ته نوگزا پير ويلفيئر ايسوسيئيشن سماجي برائين خلاف پنهنجي جدوجهد جاري رکندي ۽ منشيات خلاف مهم کي وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ته جيئن سماج کي هن لعنت کان پاڪ ڪيو وڃي. ريلي ۾ شامل ڌرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سکر ۾ منشيات جي اڏن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي، منشيات فروشن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ۽ نوجوان نسل کي هن تباهه ڪندڙ عادتن کان بچائڻ لاءِ تعليمي ادارن ۽ عوامي سطح تي آگاهي مهم هلائي وڃي. واڪ جي اختتام تي شرڪت ڪندڙن عزم جو اظهار ڪيو ته نه رڳو هو پاڻ منشيات کان پري رهندا، پر ٻين کي به ان کان بچائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا رهندا

بقايا 21

جي دڪان وٽ ڦر مزاحمت جي دوران ڦورو جي فائرنگ سان هڪ شخص مارجي ويو. پوليس موجب مارجي ويل شخص جي سڃاڻپ 65 ورهين جي محمد عمران فيروز پٽ فيروز دين جي نالي سان ٿي آهي. مارجي ويل شخص سيني ۾ گولي لڳي سبب مارجي ويو. مارجي ويل شخص جي لاش کي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 22

گوٺ ڀانڊي ماڇي ۾ اٽ گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب 7 سالا معصوم سڄنا سولنگي فوت ٿي وئي. جنهن جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو. ضروري ڪاروائي بعد سندس لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جتان ايڌهي ايمبولينس ذريعي سندس مڙهه گوٺ پهچڻ تي سندس گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو.

بقايا 23

باهه لڳڻ سبب ٽن پورهيت ڀائرن نواب چانڊيو، سائين بخش ۽ سوڍل چانڊيو جي گهرن کي باهه لڳي، باهه لڳڻ سبب گهر ۾ پيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو پورهيت خاندان کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهي، پورهيت خاندان ضلعي انتظاميا ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪندي چيو ته گهر ۾ پيل سامان اناج اٽو ڪپڙا، ڪتن سميت سڀ سامان سڙي ويو آهي، اڄهو سڙهڻ سبب هو کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن سندن جي مالي مدد ڪري سهائتا ڪئي وڃي ته جيئن هو گهر اڏي سگهن ۽ معصوم ٻارڙن سميت پنهنجو پيٽ گذر ڪري سگهن.

بقايا 24

ڪي رمضان جي ڀلاري مهيني ۾ ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ بچت بازار قائم ڪئي وئي بچت بازار ۾ سبزين فروٽ گوشت مڇي سميت ڪاڏي پيتي جي شين جا اسٽال لڳايا ويا بچت بازار ۾ خريداري لاءِ عوام جي رش هر سال جيان هن ڀيري به رمضان جي ڀلاري مهيني ۾ شهر جي مخير حضرات جي ماڻهن جي تعاون سان عوام کي ريليف ڏيڻ لاءِ بچت بازار لڳائي وئي آهي جنهن لاءِ شهر واسين کي گذارش آهي ته هو بچت بازار مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن (مختيار ڪار اشرف پتافي) خبر موجب ڏهرڪي ۾ رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ واپارين ۽ دوڪاندارن پاران ڪيل هٿرادو مهانگائي بعد گذريل ڏينهن انتظاميه پاران عوام کي رمضان جي ڀلاري مهيني ۾ ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ شهر جي مين پرائمري اسڪول ۾ بچت بازار قائم ڪئي وئي قائم ڪيل بچت بازار ۾ سبزين فروٽ گوشت مڇي مشروبات ڪنباٽي گهي سميت ڪاڏي پيتي ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف شين جا اسٽال لڳايا ويا ان موقعي تي مختيارڪار ڏهرڪي اشرف پتافي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هر سال جيان هن ڀيري به ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي حڪم تي رمضان جي ڀلاري مهيني ۾ شهر جي مخير حضرات جي ماڻهن جي تعاون سان عوام کي ريليف ڏيڻ لاءِ بچت بازار لڳائي وئي آهي جنهن ۾ سبزين فروٽ گوشت مڇي سميت ڪاڏي پيتي ۾ استعمال ٿيندڙ شين سان گڏو گڏ غريب عوام جي ٻارن کي عيد جون خوشيون فراهم ڪرڻ لاءِ سستي اگهه تي معياري ڪپڙن جا اسٽال پڻ لڳايا ويا آهن مختيارڪار شهر واسين کي اپيل ڪئي ته هو بچت بازار مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن هوڏانهن انتظاميه پاران شهر ۾ بچت بازار قائم ٿيڻ شرط عوام وڏي انگ ۾ بچت بازار پهچي فروٽ سبزين سميت ٻين شين جي خريداري ڪئي

بقايا 25

قومي شاهراهه تي ٿيندڙ حادثي جي ايف آئي آر مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي ٽرالر ڊرائيو خلاف نيوسعيدآباد ٿاڻي تي داخل، هڪ ڏينهن اڳ پيرجهنڊو وٽ تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ محمد سليم راجپوت فوت ٿي ويو هو. تفصيل موجب: سومر جي ڏينهن نيوسعيدآباد قومي شاهراهه پيرجهنڊو وٽ تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل سوار کي زوردار ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل سوار محمد سليم پٽ الياس راجپوت موقعي تي ئي فوت ٿي ويو هو جنهن جي ايف آئي آر پوليس اسٽيشن نيوسعيدآباد تي سندس ڀاءُ محمد اقبال پٽ الياس راجپوت جي فرياد تي ٽرالر نمبر TLN 888 جي ڊرائيور نظام الله پٽ اڪرام الله شنواري پٺاڻ رهاڪو ضلع خيبر ايجنسي تي داخل ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته نيوسعيدآباد پوليس موقعي تان ئي ٽرالر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽرالر کي پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو هو.

بقايا 26

ويو آهي جنهن مان 6 بليڪ لسٽ به شامل آهن. اميگريشن ذريعن موجب سعودي عرب مان 4 بليڪ لسٽ ۽ ويزا ختم ٿيڻ تي 1، ڪانٽريڪٽ جي ڀڃڪڙي تي 24 پاڪستانين کي ڊي پورٽ ڪيو ويو. اميگريشن ذريعن جو چوڻ آهي ته عمان مان 3 کي بليڪ لسٽ، اميگريشن مان انڪار تي 1 ۽ ملائيشيا مان 1 کي ناپسنديده قرار ڏئي بيدخل ڪيو ويو اميگريشن ذريعن موجب متحده عرب امارات مان 1، بليڪ لسٽ منشيات ۽ شراب نوشي تي 3، وڌيڪ وقت گذارڻ تي 2 ۽ جيل مان آزاد ڪري 37 پاڪستانين کي ڊي پورٽ ڪيو ويو. سينگاپور ۾ پاسپورٽ گم ٿيڻ تي 1، موزمبيق مان 1، عراق مان وڌيڪ وقت گذارڻ تي 4، بين الزامن تي 2 کي بي دخل ڪيو ويو اميگريشن ذريعن موجب قطر مان 3 مفرور ۽ ڏکڻ آفريقا ۾ رضاڪارانه طور تي پيش ٿيل 1 ٻئي کي ناپسنديده قرار ڏئي 1 پاڪستاني کي بيدخل ڪيو ويو انهي کان علاوه مراڪش ۾ انساني اسمگلنگ لاءِ ڀهتل 2 نوجوانن کي حراست ۾ وٺي پاڪستان واپس اماڻيو ويو جن کي ڪراچي ۾ هيومن ٽريفڪنگ سرڪل منتقل ڪيو ويو.

بقايا 27

جڏهن ته انيتاليهه ڪلاڪن بعد سرڪاري مدعيت ۾ ايف آءِ آر داخل، ان کان جڏهن ته شهيد اهلڪار کي تدفين کان اڳ ايس ايڇ او باقرانيءَ جي اڳوائيءَ ۾ سلاميءَ لاءِ آيل دستو نامعلوم سبب ڪري واپس موٽي ويو. وارثن ۽ علائقي واسين کان مليل معلومات موجب پوليس اهلڪار ٽي ڏينهن ايس ايڇ او عبدالستار پيو سان سرڪاري طور گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي پڻ ويل هو رات دير سان واپسيءَ بعد ڏينهن واري ڊيوٽيءَ لاءِ پوليس پڪٽ ڪنبي سنديلا/ گاهي واهه وٽ اچي رهيو هو جڏهن ته پوليس اهلڪار جي قتل جي وقت سر سرڪاري مدعيت ۾ ايف آءِ آر ۾ نه ڪٽڻ ۽ جاءِ وارداتن تان پيرا نه ڪٽائڻ توڙي شاهديون گڏ نه ڪرڻ واري معاملي تي ايس ايڇ او عبدالستار پيو کي هٽائي احمد علي اوڍو کي ايس ايڇ او باقراڻي تعينات ڪري ٻن ڏينهن بعد سرڪاري مدعيت ۾ 148 - 396 - 302 - 149 - 6/7 ۽ 337 H2 قلمن تحت فرياد داخل ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ان کان اڳ وارث شهيد اهلڪار جو لاش کڻي ڏهه ڪلاڪ مسلسل مين ايئرپورٽ روڊ تي ڌرڻو هڻي ويٺا رهيا.

بقايا 28

پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري وقار مهندي پاران گوڇالا فنڊ لاءِ موڪليل درخواست منظور ڪندي خط اقليتي معاملن بابت خاص مددگار کي موڪلي ڇڏيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي اقليتي ونگ سکر جي جنرل سيڪريٽري راجڪمار ودواڻي سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر لال چند سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي راجڪمار ودواڻي ڊاڪٽر لال چند کي سنڌ ڪلچر ٽوپي ۽ اجرڪ پيش ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر لال چند چيو ته مان هميشه نيڪ نيتيءَ سان اقليتن لاءِ ڪم ڪيو آهي. مان هر مسئلي تي سڄي سنڌ جي عوام سان رابطي ۾ آهيان ۽ هر مسئلي تي فوري نوٽيس وٺي مسئلاحل ڪيان ٿو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري مون تي اعتماد ڪيو ۽ مون کي هن عهدي تي مقرر ڪيو آهي ته جيئن مان سمورن اقليتي برادرين جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري سگهان. ان موقعي تي هن راجڪمار ودواڻي جي درخواست تي سکر جي گوشالا لاءِ 5 ڪروڙ رپين جي فنڊ جو اعلان ڪيو. هن چيو ته مان ڪنهن تي احسان نه ڪري رهيو آهيان. عوام جي خدمت لاءِ ويٺو آهيان. جنهن تي راجڪمار ودواڻي ڊاڪٽر لال چند جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 29

خان جي گهرواري بشريٰ بي بي مشعال يوسفزئي کي پنهنجي ترجمان جي عهدي تان هٽائي ڇڏيو اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ باني جي وڪيل تابش فاروق ٻڌايو ته بشريٰ بي بي مشعال يوسفزئي کي هٽائي پنهنجا چار فوڪل پرسن مقرر ڪيا آهن. هن ٻڌايو ته فوڪل پرسنز ۾ نعيم پنجوٿا، مبشر اعوان، خالد يوسف ۽ راءِ سلمان شامل آهن. تابش فاروق جو چوڻ هو ته ملاقات دوران پي ٽي آءِ باني، بشريٰ بي بي ۽ پارٽي جي قيادت موجود هئي، جتي بشريٰ بي بي واضح طور چيو ته مشعال يوسفزئي هاڻ سندس ترجماني نه ڪندي.

بقايا 30

نواز خان زئور ۽ محمد علي خشڪ چيو آهي ته جامشوري ۾ شاگردن جي احتجاج تي لٺبازي ۽ تشدد توڙي ڊاڪٽر ذوالفقار زئور سميت مختلف ڪارڪنن جي گرفتارين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. سنڌ سرڪار ڪئنالن خلاف ٿيندڙ احتجاجن کي روڪڻ لاءِ تشدد جو استعمال ڪري رهي آهي، جيڪو عمل فاشزم کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ حڪومت خراب حڪمراني جو بدترين مثال بنجي وئي آهي. جاري ڪيل بيان موجب هنن چيو ته ڪيسن، گرفتارين، تشدد، لٺبازي ۽ جبر جي زور تي سنڌو دريا مان ڪئنالن نڪرڻ خلاف ٿيندڙ احتجاجن کي ماٺو نٿو ڪري سگهجي. اسان درياهه تي قبضو ٿيڻ نه ڏينداسين. اسان پنهنجي سون جهڙي نديءَ تان ڪنهن به قيمت تي هٿ نه کڻنداسين. بهادر، باشعور ۽ باضمير قومون پنهنجي وطن، وسيلن ۽ درياهن تان هٿ نه کڻنديون آهن. قومي پارٽي مطالبو ٿي ڪري ته ڊاڪٽر ذوالفقار زئور سميت گرفتار ڪيل ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا 31

واري ڪاتي پاڪستان ۾ برادري کي بااختيار بڻائڻ ۽ انساني ترقي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪرڻ تي هيندز فائونڊيشن جي خدمتن جي اعتراف ۾ هڪ باضابطہ تقريب منعقد ڪئي، تقريب ۾، ڊائريڪٽر هيومن رائٽس آغا فخر حسين صحت جي سار سنڀال، تعليم، ڪاڏي جي حفاظت، روزگار، پاڻي ۽ صفائي، ۽ سماجي ترقي لاءِ هيندس جي ڪيل ڪوشش کي تسليم ڪندي هيندز فائونڊيشن جي چيئرمين ڊاڪٽر سعيد عالم کي تعريفي ايوارڊ پيش ڪيو. ان موقعي تي هيندز فائونڊيشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر شيخ تنوير پڻ موجود هو.

بقايا 32

فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري جي ڊي اي جي اطلاعات سيڪريٽري سردار عبدالرحيم رمضان المبارڪ جهڙي بابرڪت مهيني ۾ حڪومت جي نااهلي سبب مهانگائي ۾ گهاتي توڙ اضافي، سحري ۽ افطاري جي وقت ۾ گيس ۽ بجلي جي بندش تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. پنهنجي جاري بيان سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ حڪومت ۽ ادارن جي نااهليءَ ڪرپشن ذخيرو ڪندڙن ۽ مهانگائي ڪندڙن کي مڪمل اجازت ڏئي ڇڏي آهي. جنهن ڪري ڪاڏي پيتي جون شيون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن. مرغي 8 سئو رپيا في ڪلو. وڏي جانور جو گوشت 14 سئو کان 15 سئو رپيا في ڪلو. ٻاڪرو گوشت 24 سئو کان 26 سئو رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. بيضن جا اگر ڪير سبزين فروٽ اٽي، ڪنڊ، چانورن جا اگهه غريب ماڻهن جي قوت خريد کان پري ٿي ويا آهن. مزدورءَ گهٽ آمدني وارا ماڻهون پڻ ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن

بقايا 33

سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس سينٽرل لائبريري وٽ گڏ ٿي سنڌو درياهه جي پاڻي تي ڌاڙو نامنظور، سنڌو درياهه تي ڪئنال نامنظور، سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ جا فيصلو واپس وٺو جا نعرا هڻندي زيرو پوائنٽ کان انڊس هاءِ وي طرف ريلي ڪڍي ته پوليس جا وڏا اٽالا ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو، ۽ ايس ايڇ او جامشورو خير محمد ملاح جي اڳوائي ۾ پهچي ويا، شاگردن کي گهيري ورتو جنهن تي سوين شاگردن رڪاوٽون توڙي انسٽيٽيوٽ آف سنڌولاجي سامهون انڊس هاءِ وي تي طرف وڌيا ته پوليس سنڌ يونيورسٽي جي مک دروازي جا ايندڙ ويندڙ ٻئي در بند ڪري ڇڏيا. جنهن تان پوليس ۽ شاگردن ۾ ڇڪريون شروع ٿي ويون. جنهن تي ڇڪتاڻ سبب شاگردن مين گيٽ کولي انڊس هائي تائين پهچي ويا جتي شاگردن ۽ شاگرديائين ڌرڻو هڻي ٻنهي طرفن کان انڊس هاءِ وي بند ڪري ڇڏيو. جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي آهي. شاگردن جي ريلي کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ پوليس اٽالا طلب ڪيا ويا. جنهن دوران ايس ايس پي جامشورو محمد صديق چانگا جي اڳوائي ۾ پوليس ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ شاگردن ۽ شاگرديائين مٿان لٺبازي به ڪئي آهي پر ان باوجود شاگردن ۽ شاگرديائين ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ پوليس شاگردن مٿان ڳوڙها آڻيندڙ گئس جو استعمال ڪري کين منتشر ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پوليس جي شيلنگ ۽ لٺبازي ۾ ڪيترائي شاگرد زخمي پڻ ٿيا. مچريل شاگردن پوليس موبائل تي پٿراءُ ڪري ان جا شيشا توڙي ڇڏيا. پوليس مظاهرين کي چڙوچڙ ڪندي 15 کان وڌيڪ شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو. ان موقعي تي شاگردن جو چوڻ آهي ته سنڌو درياهه اسان جو جياپو آهي، اسان پنهنجي جياپي کي بچائڻ لاءِ نڪتا آهيون. اسان جو احتجاج پرامن آهي پر پوليس ونگاري بڻجي اسان جي پرامن احتجاج کي پهرين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، اسان پرامن ڌرڻو هنيو ته اسان مٿان لٺبازي ڪئي وئي، جيڪو عمل آمريتي دور کي ورجائي ٿو. هنن چيو ته اسان جي پرامن احتجاج ۾ شاگردن کي ڪجهه به ٿيو ته ان جي ذميوار سنڌ يونيورسٽي انتظاميا هوندي. ٻئي طرف شاگردن ۽ پوليس وچ ۾ ڇڪتاڻ ڪانپوءِ جامشورو ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس سنڌ يونيورسٽي گهيرائي وئي آهي، پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي لڳ ڀڳ 15 شاگردن کي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو شاگردن تي تشدد جي اطلاع تي جامشورو بار جا اڳواڻ واجد خاصخيلي، ذوالفقار ٿيبو حيدرآباد بار جا ڪيترائي وڪيل اڳواڻ ۽ جسقم آريسر اڳواڻ عبدالفتاح چنا، ايس يو پي مرڪزي اڳواڻ خدا بخش ٿيبو سنڌ سڀا شاگرد اڳواڻ غني الله چانڊيو سنڌو امان چانڊيو ثناءالله ۽ اڳواڻ توڙي ٻين تنظيمن جا اڳواڻ وڏي انگ ۾ پهچي ويا جن گرفتار شاگردن جي آزادي لاءِ ٻيهر احتجاجي مظاهرو ڪري انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو جيڪو مسلسل رات دير تائين جاري رهيو جنهن ۾ مظاهرين طرفان نعريبازي ڪندي گرفتار ڪيل شاگردن جي آزادي جو مطالبو ڪري رهيا هئا، ان موقعي تي ايس ايس پي ڌرڻو هڻي ويٺلن سان ڳالهيون ڪري گرفتار شاگردن کي آزاد ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. ان باوجود احتجاج ڪندڙن ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ گرفتار ڪيل سمورن شاگردن کي جامشورو پوليس ڌرڻي واري هنڌ ڪٺي پهتي جنهن بعد شاگردن توڙي وڪيلن ۽ شاگردن ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا 34

سگهي. ڪنڊ جو اگهه 170 في ڪلو تائين پهچي ويو آهي ۽ واپارين جو چوڻ آهي ته ان جو وڏو سبب حڪومت جي ايڪسپورٽ پاليسي آهي. پنجاب ڪرياڻه ايسوسيئيشن جي چيئرمين حافظ عارف گجر موجب حڪومت ڪنٽرول نه ڪيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪنڊ ڊبل سينچري ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته حڪومت طرفان ڪنڊ برآمد ڪرڻ جي پاليسي سان اگهه وڌيا، ملڪ مالڪن هٿرادو کوٽ پيدا ڪئي، ذخيري اندوزن ۾ به هٿ وڌو وڃي.

بقايا 35

اورنگزيب وفد کي ملڪي معاشي صورتحال ۽ اصلاحاتي ايجنڊا تي بريفنگ ڏني آهي. عالمي مالياتي فنڊ(آءِ ايم ايف) سان ڳالهين ۾ هلندڙ مالي سال جي پهرين ڇهن مهينن جي اقتصادي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو پيو وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڳالهين ۾ ناڻي واري وزارت ۽ منصوبه بندي جي طرفان پيش ڪيل گرين انيشيٽو رپورٽ به غور هيٺ آئي. آءِ ايم ايف وفد کي گرين انيشيٽو تي موسمياتي تبديلي جي منصوبي جي رپورٽ پيش ڪئي وئي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف جي مطالبي تي ناڻي واري وزارت رپورٽ تيار ڪرائي هئي. هوڏانهن ڳالهين ۾ بي ايس ڊي پي خرچن ۽ ڪٽوتي جي باري ۾ جائزو ورتو پيو وڃي. ٻئي پاسي ناڻي واري وزير محمد اونگزيب سان آءِ ايم جي وفد ملاقات ڪئي آهي، جنهن ۾ ناڻي واري وزير طرفان معاشي صورتحال ۽ اصلاحاتي ايجنڊا تي بريفنگ ڏني وئي آهي. آءِ ايم ايف وفد جي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب سان ملاقات ۾ ناڻي واري سيڪريٽري ۽ چيئرمين ايف بي آر به شريڪ ٿيا جنهن ۾ ناڻي واري وزير آءِ ايم ايف کي ملڪ جي معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ معاشي اصلاحات جي ايجنڊا تي بريفنگ ڏني وئي.

بقايا 36

ٽرانسپورٽ کاتي جون سموريون زمينون فوري طور تي خالي ڪرائي رپورٽ پيش ڪئي وڃي. ڪراچي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جي ڪم ۾ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ سيڪريٽري اسد ضامن. سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال دايو يلو لائن بي آر ٽي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ يلو لائن منصوبي جي مختلف ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي چئلينجن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. جڏهن ته يلو لائن منصوبي ۾ شامل پلن ۽ ڊيپوز جي تعميراتي ڪم جي اڳڀرائي جو به جائزو ورتو ويو اجلاس دوران شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته ٽرانسپورٽ کاتي جي ملڪيتي زمينن تي ٿيل قبضا جلد کان جلد ختم ڪرايا وڃن. هن سرڪاري ادارن طرفان ٽرانسپورٽ کاتي جي زمينن تي قبضي کي افسوسناڪ قرار ڏيندي چيو ته ٽرانسپورٽ کاتي جي زمينن تي ڪجهه سرڪاري ادارن جو قبضو افسوس جوڳي ڳالهه آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته يلو لائن بي آر ٽي، ڪراچي موبلٽي پروجيڪٽ جو هڪ اهم حصو آهي، جنهن جو مقصد شهر جي ٽرانسپورٽ نظام کي جديد بڻائڻ آهي. هن چيو ته يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جو اهم حصو جام صادق پل، مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪيو ويندو. سنڌ حڪومت پرعزم آهي ته ڪراچي واسين کي هڪ جديد ۽ اثرائتو پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم فراهم ڪيو وڃي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته يلو لائن بي آر ٽي هڪ اهم عوامي ٽرانسپورٽ منصوبو آهي، جنهن جو مقصد شهرين کي جديد ۽ سستي سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. هن سيني لاڳاپيل ڌرين کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن منصوبو تيزيءَ سان مڪمل ٿي سگهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان ڪراچي جي ٽرانسپورٽ واري نظام تي پيل دٻاءُ گهٽجي ويندو ۽ مسافرن کي سهولت ملي سگهندي.

بقايا 37

راولپنڊي سميت سڄي پنجاب ۾ جيئري ڪڪڙ جو اگهه 490 رپيا ڪلو ۽ ڪڪڙ جو گوشت 850 کان 900 رپيا في ڪلو تي پهچي ويو. ٻاڪرو ۽ ڳائو گوشت ته اڳ ئي عوام جي پهچ کان پري هو پر هاڻ ڪڪڙ جو گوشت به انهن جي پهچ ۾ ناهي رهيو.

بقايا 38

اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اويس لغاري چيو ته بجلي جي في يونٽ قيمت سراسري 4.96 رپيا گهٽ ٿي آهي. جڏهن ته سرڪلر ڊيٽ جي خاتمي لاءِ اڳوات ئي پروگرام جوڙي چڪا آهيون. هن ٻڌايو ته توانائي واري شعبي ۾ سڌارا آندا ويا آهن ۽ حڪومت هاڻي بجلي خريد نه ڪندي. وفاقي وزير موجب. ٽيوب ويلز کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جو عمل جاري آهي. جنهن سان اربين رپين جي بچت ٿيندي. هن چيو ته بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نقصانن ۾ گهٽتائي آندي وئي آهي. جڏهن ته صنعتي ۽ زرعي شعبي کي سستي بجلي ڏيڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. اويس لغاري جو چوڻ هو ته آءِ پي پيز سان معاهدن تي نظرثاني ڪرڻ سان 1333 ارب رپيا بچايا ويا آهن. هن ان ڳالهه جي به وضاحت ڪئي ته بجلي ڪمپنين ۾ ڪو به سفارشي بورڊ ناهي، ڪمپنين جا نقصان گهٽ ڪيا ويا آهن. انهن نقصانن کي ٻڙي تائين آڻڻ جو ارادو آهي ۽ ڪيپيسٽي پيمنٽ گهٽائي بجلي کي وڌيڪ سستو ڪيو ويندو. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته ايندڙ اونهاري کان اڳ بجلي وڌيڪ سستي ڪئي ويندي، جڏهن ته موٽر سائيڪلن ۽ رڪشن لاءِ چارجنگ اسٽيشنز تي بجلي جي قيمت گهٽ ڪئي ويندي.

بقايا 39

۾ ٿيو اجلاس ۾ سنڌ سرڪار جي ترجمانن هير سوهو، نادر نبيل گبول، سمعتا افضال سيد، سعديه جاويد، بلند خان جوڻيجو، سُکديو آسرداس همناڻي، مخدوم فخر زمان، عبدالواحد هاليپوٽو ۽ تحسين عابدي شرڪت ڪئي. جڏهن ته سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمان ميمڻ، ڊائريڪٽر اطلاعات محمد يوسف ڪابورو ۽ سارنگ لطيف چانڊيو پڻ اجلاس ۾ موجود هئا. اجلاس ۾ پيپلز هائوسنگ اسڪيم، اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي، پيپلز بس سروس، پنڪ بس سروس، شاهراهه ڀٽو، آٽزم سينٽرز سميت سنڌ حڪومت جي ٻين اهم رٿائن جي تشهير تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. اجلاس ۾ ڳالهائيندي، سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ، ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ پاڪستان جو واحد صوبو آهي، جتي عوام جي صحت ۽ بنيادي سهولتن تي سيني کان وڌيڪ ڪم ڪيو ويو آهي. هن چيو ته هن وقت به سنڌ حڪومت 21 لک ماڻهن کي گهر ٺاهي ڏئي رهي آهي، ۽ جيڪي بجلي جو بل ادا ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن. انهن کي سنڌ سرڪار طرفان سولر سسٽم فراهم ڪيا پيا وڃن. ته جيئن اهي مفت ۾ بجلي حاصل ڪري سگهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته ترجمان هر کاتي جي ڪارڪردگي عوام جي آڏو آڻين.

بقايا 40

ڪندڙن کي هڪ ئي قيمت مقرر ڪرڻي پوندي ۽ قيمتن جي فهرست لڳائڻي پوندي. سرڪاري حڪمن جي تعميل نه ڪندڙ ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ دڪان سيل ڪيا ويندا. هن چيو ته صارفين جي تحفظ واري قانون تحت ڊيلر هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو جنهن قيمت تي وڪرو ڪندا آهن انهن جي فهرست ڏيکارڻ ضروري آهي. صارفين جي تحفظ واري ايڪٽ جي سيڪشن 18 ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪا به شيءِ وڪرو ڪئي وڃي ته ان جي قيمت لکڻ لازمي آهي. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيورو آف سپلاءِ مير شاهنواز وڌيڪ چيو ته بيورو آف سپلاءِ پرائسز ڊپارٽمينٽ سرڪاري حڪمن تي عمل نه ڪرڻ تي سنڌ ڪنزيومر پروٽيڪشن ايڪٽ تحت عدالت ۾ شڪايت داخل ڪئي آهي. عدالت 13 مارچ جي تاريخ ڏني آهي. سنڌ ڪنزيومر پروٽيڪشن ايڪٽ 2014 جي سيڪشن 26 ۽ ٻين سيني لاڳاپيل شقن تحت شڪايت داخل ڪرائي آهي.

بقايا 41

جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي سنڌو درياهه سنڌين جي جياپي جو واحد ذريعو آهي. ن ليگ ۽ پ پ جي گڏيل حڪومت ملڪي اسٽيبلشمينٽ سان گڏجي سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍي سنڌ کي مڪمل طور تباهه ڪرڻ جي سازش سٽي آهي. ان سازش سان نه صرف سنڌ جي ڇهه ڪروڙ ماڻهن کي موت ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي پر جي سنڌو درياهه ۾ پاڻي نه آيو ته سنڌ جي زمين سمنڊ ڳڙڪائي ويندو. اڳ ئي بدين سجاول ۽ ٺٽي جي ٽيهه لک ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ڊيلٽا تائين پاڻي نه پهچڻ سبب سمنڊ ڳڙڪائي چڪو آهي. جي وڌيڪ سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍيا ويا ته سنڌ المناڪ حالتن جو شڪار ٿيندي جتي بک، ڏڪار ۽ موت کان سواءِ ڪجهه نه هوندو. سنڌ ۾ انساني الميو جنم وٺندو جنهن سان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب کي اکين اڳيان تباهه ٿيندي ڏسندا. لکين ماڻهن جي لڏپلاڻ ٿيندي. معاشي، ثقافتي تباهي ٿيندي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي ماڻهن جي سنڌو درياهه بچائڻ جي جدوجهد سنڌين جي پنهنجي بقا جي جدوجهد آهي جنهن جدوجهد کي سنڌ ۾ موجود پ پ جي سنڌ حڪومت رياستي ادارن جي ڏاڍ ذريعي ختم ڪرڻ جي غلطي ڪري رهي آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ملڪ جي حڪمرانن اڃان تائين ملڪ جي تاريخ مان سبق ناهي سکيو نه ئي سنڌين جي سياسي مزاحمت کي سنجيدگي سان ورتو آهي. ملڪي ادارا رياستي دهشتگردي جي ذريعي پرامن احتجاجن کي پرتشدد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. اڳ ئي بلوچستان ۽ پختونخوا ۾ حالتون خراب آهن هاڻي سنڌ جون حالتون به تشدد طرف وٺي وڃي رهيا آهن اڄ سنڌين سان اها ڪار ڪئي پئي وڃي. ڊاڪٽر قادر مگسي گهر ڪئي ته جامشوري ۾ گرفتار ڪيل سمورن سياسي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي. سنڌو درياهه مان چولستان سميت ڪينالن ڪڍڻ جي رٿا فورن بند ڪئي وڃي.

بقايا 42

خون سان انصاف لاءِ سندس لاش ٽراما سينٽر ٻاهران رکي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ مقتول پورهيت جي والد ممتاز علي اوڍو پنهنجي پٽن فاروق احمد، صابر حسين، خورشيد احمد اوڍو ۽ ٻين مائٽن سان گڏجي ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته منهنجو نوجوان پٽ صدام حسين اوڍو ٽريڪٽر جو ڊرائيور هو. جيڪو ٽريڪٽر هلائي گهرياتين جو پيٽ گذر ڪندو هو هن چيو ته گذريل 3 مارچ تي صبح جو سوير پٽ عاقل کان ٽريڪٽر تي مٽي کڻي واپس شهر طرف اچي رهيو هو ته رستي ۾ پير شير ايٽ عاقل ٿاڻي جي حد گوٺ مسو حب وٽ نامعلوم هٿياربندن سندس گاڏي مٿان اڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب منهنجو پورهيت پٽ صدام حسين اوڍو سخت زخمي ٿي پيو. جنهن کي علائقي واسين پوليس جي مدد سان ڪٺائي ٽراما سينٽر ۾ داخل ڪرايو جتي ڊاڪٽرن پٽ جي پاڻهن جي آپريشن ڪئي، جنهن دوران هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي. هن چيو ته اهڙي واقعي جي اين سي اسان حد جي ٿاڻي تي داخل ڪرائي سين، جنهن تي پوليس ڪاروائي ڪندي ٻن شڪي جوابدارن کي حراست ۾ ورتو آهي، پر افسوس جو پوليس حراست ۾ ورتل شڪي جوابدارن کي مهمانن جيان ٿاڻي تي ترسايو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ٽراما سينٽر جي ڊاڪٽرن ۽ عملي پٽ جي علاج ۾ تمام گهڻي غفلت ڪئي هئي، جنهن ڪري پٽ بچي ناهي سگهيو. جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن سنڌ جي وڏي وزير، صوبائي گهرو وزير، صحت کاتي جي صوبائي وزير سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن توڙي سندس علاج ۾ غفلت ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ عملي خلاف ڪارروائي ڪري مقتول جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 43

ٿيڻ سان شهرين جي چهرين تي خوشي جي لهر پکڙجي وئي آهي برسات سبب لاهور ۾ موسم ٿڌو ٿي ويو. جڏهن ته اڄ ڏينهن جو به وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. موسميات کاتي طرفان گذريل ڏينهن ٻڌايو ويو هو ته لاهور سميت پنجاب ۾ برسات وسائيندڙ سسٽم داخل ٿي چڪو آهي جنهن جي اثر هيٺ هلڪي برسات وقفي وقفي سان جاري رهڻ جي اميد آهي جڏهن ته ٿڌيون هوائون هلڻ سبب موسم ٿڌو به ٿي ويو. شهر تي ڪڪرن ڊيرا ڄمائي ورتا آهن. ياد رهي ته ملڪه ڪوهسار مري، گليات، وادي ڪاغان، ناران ۽ آزاد ڪشمير جي وادي نيلم ۾ تيز برفباري جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي جنهن سبب مختلف روڊ بند ٿي ويا آهن. مري ۽ گليات ۾ سياحن جو داخلا به بند ڪيو ويو آهي. انتظاميه ۽ امدادي ادارا پوري طرح الرٽ ڪيا ويا آهن

بقايا 44

تي سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (عوامي جمهوري پارٽي) طرفان 4 مارچ شاگرد جدوجهد ڏينهن جي موقعي تي تقريب ڪوٺائي وئي ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن گلاب راءِ، ڪاشف ابڙو، مڪيش ڪمار، ايڊووڪيٽ جاويد چنو، غلام قمبر حاجاڻو، جمن ٿنيو، بشير چانڊيو، حريف چانڊيو، ذوالفقار ابڙو، شفيع محمد مرگهر، نغال واڌواڻي، اياز خاصخيلي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته هر ٿيندڙ جدوجهد ۾ شاگردن جو وڏو ڪردار رهيو آهي اهي نوجوان متحرڪ مضبوط ٿي بدتر ٿيل حالتن کي بهتر ڪري سگهن ٿا هنن چيو ته شاگرد جدوجهد جو جيڪو بنياد پيو 4 مارچ 1967 ۾ جڏهن جامشورو يونيورسٽي جا شاگرد ڪمشنر حيدرآباد جي غلط پاليسين جي خلاف احتجاج لاءِ حيدرآباد وڃي رهيا هئا جن مٿان اڳوٽي ڪمشنر حيدرآباد مسرور احسن جي چوڻ تي راجپوتانه اسپتال وٽ شاگردن مٿان پوليس سخت تشدد ڪيو شاگردن مٿان ڪيس داخل ڪري انهن کي جيل موڪليو ويو جنهن بعد شاگرد سياست جدوجهد جو بنياد پيو ۽ ان ۾ هڪ جدوجهد جو روح ڦوڪجي ويو هو هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته شاگرد هن ملڪ قوم جا پلر آهن انهن کي پنهنجي صفن ۾ مضبوط ٿيڻو پوندو ڇاڪاڻ جو قوم کي انهن مان تمام وڏيون اميدون آهن هن وقت ملڪ خاص ڪري سنڌ جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍي سنڌ کي سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي هڪ طرف مهانگائي ته ٻئي طرف بدامنيءَ سبب عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي هنن چيو ته جامشوري يونيورسٽي جي شاگردن طرفان سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف نڪتل ريلي تي پوليس جي تشدد ۽ گرفتارين جي حڪمرانن پوليس زيادتي جي پراڻي ياد تازي ڪري ڇڏي آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي مگر حڪمران اهو سمجهي ڇڏين ته سنڌ جا ماڻهو شاگرد سنڌ جي حقن تي ڪڏهن به ڌاڙو هڻڻ نه ڏيندا هنن چيو ته چار مارچ جي شاگرد جدوجهد جي نوجوانن کي سرخ سلام پيش ڪيون ٿا

بقايا 45

تنظيم آهي، انهن جا سمورا اڪائونٽ فريز ڪيا وڃن. اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ڪيس جي ٻڌڻي کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي اڪبر ايس بابر چيو ته گذريل ٻڌڻين جيان اڄ به سڀ دليل ڏيڻ لاءِ تيار هئا لاهور هاءِ ڪورٽ جي آرڊر موجب ڪيس جي پروسيڊنگس کي نٿا روڪي سگهون، هاڻ ڪيس کي هڪ دفعو ٻيهر عيد کان پوءِ تائين ملتوي ڪيو ويو آهي. هن چيو ته اسان کي ڊپ آهي ته ڪٿي ٻيهر کان اليڪشن جو وقت نه اچي، هي جيڪي گذارشون پيش ڪن ٿا انهن جي هنن کي پاڻ به خبر ناهي هوندي. هي ڪيئن ڪارڪنن کي انهن جا حق ڏيڻ جي دعويٰ ڪن ٿا، هي هڪ غيرقانوني تنظيم آهي. اڪبر ايس بابر چيو ته پي ٽي آءِ ڊرامو ڪري رهي آهي ته اسان جمهوريت کي هٿي ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون. اسان گذارش ڪيون هيون ته انهن جا اڪائونٽس فريز ڪيا وڃن.

بقايا 46

ڏهاڪو جاري آهي. جڏهن ته ماڻهو خاص طور تي ٻارڙا عيد جي بي صبريءَ سان انتظار ۾ آهن. پوري دنيا سميت پاڪستان ۾ به مسلمانن لاءِ ڀلارو مهينو رمضان جاري آهي، هن مهيني ۾ جتي مسلمان الله جي رضا خاطر روزا رکن ٿا، اتي عيد جي خوشين لاءِ به تياريون ڪندا آهن. قمري مهينو 29 يا 30 ڏينهن تي مشتمل هوندو آهي ۽ هر سال ٻارڙا خاص طور تي ان اوسيئڙي ۾ هوندا آهن ته عيد جو چنڊ 29 هين ڏينهن تي نظر ايندو يا 30 هين ڏينهن؟ ماهرن رمضان بابت اهم اڳڪٿي ڪئي آهي. ميڊيا رپورٽن موجب، هن سال پاڪستان ۾ 29 روزا ۽ عيدالفطر 31 مارچ سومر تي ٿيڻ جو امڪان آهي رويت هلال ريسرچ ڪائونسل جي سيڪريٽري جنرل خالد اعجاز مفتي موجب، نئون چنڊ 29 مارچ 2025 تي پاڪستاني وقت موجب 3 لڳي 58 منٽن تي پيدا ٿيندو. فلڪياتي ماهرن موجب، 29هين روزي تي شوال جو چنڊ نظر اچڻ لاءِ 30 مارچ آچر جي شام، سج لهڻ وقت وقت چنڊ جي عمر گهٽ ۾ گهٽ 18 ڪلاڪ هجڻ گهرجي اها پاڪستان جي سمورن علائقن ۾ 26 ڪلاڪن کان وڌيڪ ٿي چڪي هوندي. اڳڪٿي موجب، آچر 30 مارچ جي شام پاڪستان جي ڪنهن به علائقي ۾ جيڪڏهن آسمان صاف رهيو ته چنڊ آسانيءَ سان ڏسي سگهبو جيڪڏهن 30 مارچ جي شام پاڪستان ۾ چنڊ نظر اچي ٿو ته ملڪ ۾ عيدالفطر سومر 31 مارچ تي ملهائي ويندي.

بقايا 47

نوجوان 10 ڏينهن کان لاپتا، ڳولا باوجود پتو نه پيو خبر موجب ميهڙ جي پنڊ محلي مان گهران نڪتل 18 ورهين جو نوجوان بلاول پٽ حاجي روشن جويو 10 ڏينهن کان لاپتا آهي، ڳولا باوجود سندس پتو ناهي پيو. ميهڙ جي بي سيڪشن ٿاڻي تي به اهڙو اطلاع ڏنو ويو آهي.

بقايا 48

تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، موٽر سائيڪل سوار فوت ٿي ويو. پوليس موجب حادثي جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويل شخص جي سڃاڻپ يحيٰ پٽ عرفان جي نالي سان ٿي آهي، واقعي جي اطلاع ملڻ تي بن قاسم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي، فوت ٿي ويل شخص پورٽ قاسم ڪالوني جو رهائشي هو. جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، ضروري ڪارروائي بعد فوتي شخص جو لاش ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 49

بڻائڻ لاءِ ٿيندڙ ڪارروائين ۾ ضلعي انتظاميا 4 ماڻهن کي وڌيڪ اگهه وصول ڪرڻ تي 24 ڪلاڪن لاءِ جيل اماڻي ڇڏيو، جڏهن ته خلاف ورزي تي 71,000 رپيا ڏنڊ مڙهي ڇڏيو انتظاميا سکر ضلعي جي روهڙي، پنو عاقل، نيو سکر، سکر سٽي، ۽ صالح پٽ تعلقن ۾ وڏي پيماني تي معائنا جاري رکيا. هوٽلن، گوشت ، سبزي ۽ ٻين ضروري شين جي دڪانن جي چڪاس ڪئي ته جيئن مقرر ڪيل اگهن جي پابندي ۽ رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني جو احترام يقيني بڻائي سگهجي. معائني دوران روهڙي جا 11 هوٽل چيڪ ڪيا ويا، ٽن هوٽلن تي رمضان آرڊيننس جي خلاف ورزي تي 5,000 رپيا ڏنڊ مڙهيو ويو ساڳي طرح پنو عاقل ۾ 8 هوٽلن جو معائنو ڪيو ويو ۽ ٽن هوٽلن پاران خلاف ورزي تي انهن مٿان 7,000 رپيا ڏنڊ لڳايو جرمانو ويو مجموعي طور تي ضلعي ۾ 6 هوٽلن تي رمضان آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪرڻ تي 12,000 رپيا ڏنڊ مڙهيو ويو. هوٽلن جي معائني کان علاوه، ضلعي انتظاميه ضلعي ۾ 176 هنڌن تي اگهن جي چڪاس ڪئي. انهن مان 43 دڪانن جي رپورٽ غير تسلي بخش قرار ڏني وئي، جن تي 71000 رپيا ڏنڊ لڳايو ويو. مقرر ڪيل اگهن جي جي خلاف ورزي تي 4 ماڻهن کي گرفتار ڪري 24 ڪلاڪن لاءِ جيل موڪليو ويو. خبر موجب ، سکر سٽي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هڪ گوشت وڪرو ڪندڙ خلاف سخت ڪارروائي ڪندي کيس 24 ڪلاڪن لاءِ جيل موڪليو ۽ 6,000 رپيا ڏنڊ مڙهيو ويو. ساڳي طرح صالح پٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پڻ پاڃيون وڪرو ڪندڙن کي اگهن جي خلاف ورزي تي پوليس جي حوالي ڪيو ۽ 3,500 رپيا ڏنڊ پڻ لڳايو. نيو سکر ۾ خلاف ورزي ڪندڙن تي 6,500 رپيا ڏنڊ مڙهيو ويو ، جڏهن ته مختيارڪار نيو سکر پڻ سخت ڪارروائي ڪندي هڪ شخص تي 25,000 رپيا ڏنڊ سميت کيس هڪ ڏينهن لاءِ جيل موڪلي ڇڏيو. ان کان علاوه، 10 ڇٽن کي مقرر ڪيل اگهن جي خلاف ورزي تي سخت وارننگ جاري ڪئي. روهڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر قيمتن جي ضابطن جي خلاف ورزي تي 5 ڇٽن کي وارننگ ڏيندي ، ٻن تي 3,000 رپيا ڏنڊ مڙهي ڇڏيو. پنو عاقل ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪارروائي ڪندي 13 ڇٽن تي مجموعي طور 10,000 رپيا ڏنڊ هڻي ڇڏيو ساڳي طرح مختيارڪار پنو عاقل 8 ڇٽن تي شين جا وڌيڪ اگهه وٺڻ تي 5,000 رپيا ڏنڊ مڙهي ڇڏيو

بقايا 50

اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اويس لغاري چيو ته بجلي جي في يونٽ قيمت سراسري 4.96 رپيا گهٽ ٿي آهي. جڏهن ته سرڪلر ڊيٽ جي خاتمي لاءِ اڳوات ئي پروگرام جوڙي چڪا آهيون. هن ٻڌايو ته توانائي واري شعبي ۾ سڌارا آندا ويا آهن ۽ حڪومت هاڻي بجلي خريد نه ڪندي. وفاقي وزير موجب. ٽيوب ويلز کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جو عمل جاري آهي. جنهن سان اربين رپين جي بچت ٿيندي. هن چيو ته بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نقصانن ۾ گهٽتائي آندي وئي آهي. جڏهن ته صنعتي ۽ زرعي شعبي کي سستي بجلي ڏيڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. اويس لغاري جو چوڻ هو ته آءِ پي پيز سان معاهدن تي نظرثاني ڪرڻ سان 1333 ارب رپيا بچايا ويا آهن. هن ان ڳالهه جي به وضاحت ڪئي ته بجلي ڪمپنين ۾ ڪو به سفارشي بورڊ ناهي، ڪمپنين جا نقصان گهٽ ڪيا ويا آهن. انهن نقصانن کي ٻڙي تائين آڻڻ جو ارادو آهي ۽ ڪيپيسٽي پيمنٽ گهٽائي بجلي کي وڌيڪ سستو ڪيو ويندو. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته ايندڙ اونهاري کان اڳ بجلي وڌيڪ سستي ڪئي ويندي، جڏهن ته موٽر سائيڪلن ۽ رڪشن لاءِ چارجنگ اسٽيشنز تي بجلي جي قيمت گهٽ ڪئي ويندي.

بقايا 51

۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ، ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ پاڪستان جو واحد صوبو آهي، جتي عوام جي صحت ۽ بنيادي سهولتن تي سيني کان وڌيڪ ڪم ڪيو ويو آهي.

منياڻي پرسان شاگرد سجاڳ سٽ پاران 4 مارچ حوالي سان گڏجاڻي، درياهه تي ڏاڙي خلاف احتجاج

درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ جو مقصد سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪرڻ آهي: اڳواڻ

رياست جا غلط فيصلا سپ ڪان پهرئين شاگردَ تي اثر انداز ٿيندا آهن، جيڪو غلط آهي

پاڻي جي فطرتي وهڪري کي روڪڻ سان بيمارين سميت پيا مسئلا پيدا ٿيندا: خطاب

منياڻي (ن پاڪ) منياڻي لڳ نٽ گوراهو ۾ شاگرد سجاڳ سٽ پاران شاگرد سياست جي اهم ڏينهن کي يادگار بڻائڻ لاءِ گڏجاڻي رکي وئي ! جنهن/ڏسو صفحو 2 بقايا 1

منياڻي:شاگرد سجاڳ سٽ پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ ينگ اسٽار ڪرڪيٽ ڪلب
انٽر ڊسٽرڪٽ ڪرڪيٽ چيمپيئن شپ
جو ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪري ورتو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ينگ اسٽار ڪرڪيٽ ڪلب انٽر ڊسٽرڪٽ ڪرڪيٽ چيمپيئن شپ 2025ع جو ٽائيٽل پنهنجي/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

لاڙڪاڻو: مهمان خاص ڪرڪيٽ ٽيم جي فاتح ڪپتان کي ٽرافي ڏئي رهيا آهن

سنڌ يونيورسٽيءَ انتظاميا پاران غيرقانوني قبضا ڪندڙن کي ادائگيون ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار

يونيورسٽي جي زمينن تي والار ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي: رجسٽرار

حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا جاڳايل معاملي ۾ مداخلت ڪندي، خاموش نه ويهنداسين: ڊاڪٽر مشتاق علي

يونيورسٽيءَ جي ٽائون شپ اسڪيم لينڊ تي پين غيرقانوني وسندين کي به اجاگر ڪيو ويو آهي: جاري ڪيل بيان

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي انتظاميا پنهنجي قانوني ملڪيت تي ناهيل سنڌ يونيورسٽي ٽائون شپ اسڪيم لينڊ تي گهرن جي اڏاوت لاءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

سنڌ جا نوجوان روڊن، رستن تي سنڌ امڙ کي
بچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن: اشرف ڪلهوڙو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جسقم جي مرڪزي اڳواڻ اطهر سومرو، /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

ڪامورن پاران شهر جو دورو، ريڙهي وارن تي ڏنڊ، ڪنهن جي ڪوشش، چڪتاڻ

ميهڙ ۾ رمضان آرڊيننس تي عمل نه ٿيو، شين جا اگهه چوٽ چڙهيل

شڪايتن باوجود وڏن دڪاندارن ۽ واپارين خلاف ڪارروائي نه ٿي سگهي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ ۾ هٿرادو مهانگائي، سبزين، فروٽ جي اگهن ۾ واڌ، رمضان آرڊيننس تي عمل نه ٿيڻ وڏن دڪاندارن ۽ سبزي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 4

شاهه لطيف بوائز سيڪنڊري اسڪول انتظاميا جو داخلائون ڏيڻ کان انڪار

آئنده لاءِ ڪنهن به قسم جي نئين ايڊمنشن نه ڪئي ويندي: انچارج ايجوڪيشن

والدين پاران ڳڻتي جو اظهار، ارباب اختيارين کي فورن نوٽيس وٺڻ جي اپيل

ملير (ڊ ر) پاڪستان اسٽيل مل جي زير انتظام شاهه لطيف بوائز سيڪنڊري اسڪول علامه اقبال گرلز سيڪنڊري اسڪول مادر ملت ڊگري /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

لاڙڪاڻي جي پرائمري اسڪول جو ترقياتي ڪم رولڙي جو شڪار، شاگردن ۽ والدين جو احتجاج

ڪم نه ڪرڻ تي بجيٽ نه هجڻ جو جواز جاڳائي اسڪول عمارت پوٽ بنگلي جو منظر پيش ڪري رهي آهي: والدين

خدارا لاڙڪاڻي شهر جي ڪوثر مل پرائمري اسڪول جي سوين ٻارڙن جي تعليم بچائي وڃي

فوري طور ڪوثر مل بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت جو تعميراتي ڪم شروع ڪري مڪمل ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي مان چونڊيل قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

لاڙڪاڻو: پورهيت جاوارث انصاف جي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

پاڪستان فرنٽ مومينٽ پاران بجلي ۽ گئس بندش تي ڳڻتي جو اظهار

پلاري مهيني ۾ به عوام کي بخش نه پيو ڪيو وڃي: غلام حيدر مري

مهانگائي، بجلي توڙي گئس جي بندش سبب عوام جي زندگي عذاب بڻيل آهي:بيان

درياخان مري (ن پاڪ) پاڪستان فرنٽ مومينٽ جي چيف آرگنائيزرمير غلام حيدر مري پنهنجي پريس بيان ۾ چيوآهي ت رمضان المبارڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا 23

سکر ۾ سولنگي برادري جي ڪٽنب جو گهر مان نيڪالي خلاف احتجاج

سڳي پٽ، سنڌس ونيءَ ۽ سنڌس سائٽين گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي: عزيزالله سولنگي

صائم پٽسن جي گهر ڪئي ۽ ڪين بليڪ ميل ڪندي آهي: مسمات ماريا سولنگي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي نيوپنڊ درزي محلا ۾ سولنگي برادري جي هڪ خاندان تي مبينا طور تي تشدد ۽ زبردستي گهر مان بي/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

منياڻي ٽاڻي جي حد ۾ چورن پاران چوري جي هيٽرڪ

ڳوٺ بچو ڪوڪر مان چور شوڪت ڪوڪر جون ٻڪريون ڪاهي ويا

چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي، پوليس ڪٽي به نظر نه اچي رهي آهي: شهري

منياڻي (ن پاڪ) منياڻي ٿاڻي جي حد مان لڳاتار چوري جي ٽين واردات چورن هيٽرڪ مڪمل ڪري ورتي پوليس چوري جون وارداتون /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

بلڙي شاهه ڪريم ۾ راشن جي ورهاست ۾ مستحق نظرانداز

اڳ سب کي راشن ملندو هو هاڻي پنهنجا نوازي وڌي وئي آهي: وسايو/ گل حسن

ايچ ڊي ايف اين جي اوز جي راشن ورهائڻ ۾ شفافيت آڻڻ حق ڪيو وڃي: ڳالهيون

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽ علي ڏنو رند) بلڙي شاهه ڪريم ۾ ايچ ڊي ايف اين جي اوز طرفان ڪپور موري تي رمضان المبارڪ جي حوالي سان غريب ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

بلڙي شاهه ڪريم : متاثرين سماجي تنظيم خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گيريلي ۽ پرياسي سماجي برايون چوٽ چڙهيل، نوجوان نسل تباهه

محرابپور سنديلو، واهوچا ۽ ٻين علائقن ۾ ڪڌو ڪاروبار ٽيڻ لڳو

پوليس ذميوارن کي گرفتار ڪري ڊيٽي ليٽي تحت ڇڏي رهي آهي: رهواسي

گيريلو (ن پاڪ) گيريلي ۽ پرياسي جي ڳوٺ عمر پيو غلام علي زهراڻي محراب سنديلو واهوچا ۾ هلندڙ جوا منشيات سميت سماجي برائين تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

شهيد فدا حسين خشڪ جي ياد ۾ ور شهر ۾ ايس ايل نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جاري

پهرين مقابلو شهيد فدا حسين ڪنگ ۽ ٻيو مقابلو لاهوتي لڏي پنهنجي نالي ڪيو

ٻيي مقابلي ۾ لاهوتي لڏي جي فتح، ٻئي مقابلي ۾ ايم حنيف ٽيم کي شڪست ملي

گهوڙاٻاري (رپورٽ سيد شاهه خالد ڏاتاري) ٻئي ڏينهن جا به دلچسپ مقابلا ڏسڻ لاءِ مليا، جتي پهرين مقابلو شهيد فدا حسين ڪنگ ۽ ٻيو مقابلو لاهو/ڏسو صفحو 2 بقايا 25

سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن اليڪشن ڪميٽي جو اجلاس

آزاد پينل، المدد پينل، القائم پينل، ۽ مڪينڪ پينل جي اڳواڻن جي شرڪت

اتفاق راءِ سان ايم امجد ۽ محمد اڪبر مغيري کي اليڪشن ڪميٽي ۾ شامل ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن (اليڪشن ڪميٽي) جي چونڊن بابت اجلاس ان سلسلي ۾ سکر موٽر ورڪس /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

تڪراري ڪئنالن تي پ پ ٺڳي وارا بيان ڏئي رهي آهي: سورٺ ٿيٻو

ڇهه ڪئنال تي هي لکي ڏيئي آيا آهن ۽ صدر زرداري پڻ ان تي صحي ڪئي آهي

1991 جي پاڻي واري معاهدي کان هڪ ڦڙو به وڌيڪ پاڻي ڪنيو ويو ته اسان سنڌ جي عوام جا ڏوهي هونداسين

نواز شريف سياسي بصرت رکندڙ سياستدان آهن جنهن سنڌ کي امن امان ڏنو ڪراچي ۾ ٽينڊر رتوڃاڻ کي بند ڪرايو:روزاني پاڪ سان ڳالهيون

خيرپور ناٿن شاهه (انٽرويو:قربان علي ٻگهيو) پي پي وارا ٻٽي پاليسي تحت سنڌ جي ماڻهن سان ٺڳي ڪري/ڏسو صفحو 2

ڪي اين شاهه: ن ليگ اڳواڻ سورٺ ٿيٻو پاڪ جي عيوضي سان ڳالهائي رهي آهي

دڙي ٽائون چيئرمين ٽائون ۾ بجلي جي مين
لائنزايچ ٽي ۽ ايل ٽي سسٽم کي زيرزمين
ڪرڻ لاءِ سيپڪو سکر جي چيف ايگزيڪيوٽو
آفيسر کي خط لکي ڇڏيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي دڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال طرفان ٽائون ۾ بجلي جي مين لائنز ايچ ٽي ۽ ايل ٽي سسٽم /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي شاگردن پاران درياهه تي ڏاڙي خلاف ريلي

جساف شاگردن اولڊ ڪينٽين کان مين گيٽ تائين رشيد سنڌي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

درياهه سنڌ کي سرسبز بڻائڻ سميت سنڌ جي ماڻهن جي جياپي جو واحد ذريعو آهي: اڳواڻ

جيڪڏهن ڪئنال اڏڻ وارو منصوبو واپس نه ورتو ويو ته پنجاب ويندڙ رستن کي بند ڪنداسين

خيرپور (ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ جساف جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

دادو: سماجي تنظيمن پاران روزيدارن کي افطار ڪرائي پئي وڃي

ضلعي اسپتال دادو ۾ سماجي تنظيمن پاران هڪ سئو روزيدارن کي افطار ڪرائي وئي

گڏيل ڪوششون ماڻهن جي زندگين ۾ مثبت تبديليون آڻينديون آهن:اسسٽنٽ ڊائريڪٽر

عوام جي خدمت ڪرڻ پهرين ترجيح آهي جيڪا جاري رکندي ويندي: محمد افضل سومرو

دادو (پريس رليز) سماجي تنظيم انڊس رورل ڊولپمينٽ سوسائٽي (آء آر ڊي ايس) پاران پاڪستان بيت المال جي سهڪار سان وزير اعظم رمضان/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

ميهڙ ۾ پائرن پاران پيڻ جي گهر تي مبينا قبضو، گهران ڪڍي ڇڏيو

پائرن اڪبر بخشل مارڪٽ ڪري گهران نيڪالي ڏني آهي: سڪينه سودر

گهرچاچي جي ملڪيت آهي، پيڻ جي الزامن ۾ صداقت ناهي: پائرن جو موقف

ميهڙ (رپورٽر)ميهڙ جي ڪاسائي محلي ۾ پائرن پاران پنهنجي پيڻ مسمات سڪينه سودر جي گهر تي مبينا طور قبضو ڪري پيڻ سڪينه /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

ن ليگ پاران نئين پنڊ ۾ ڪليل ڪچهري، سيپڪو خلاف دانهون

ايس ڊي او سب ڊويزن گوليمار نوازشريف سميت اسٽاف بجلي صارفين جون شڪايتون ٻڌيون

عوام جي جائز شڪايتن جي ازالي لاءِ ضلعي آفيس ۾ ڪليل ڪچهري منعقد ڪرائي آهي:خورشيد احمد ميراڻي

چوري استعمال ڪندڙن کي قانوني طور بجلي استعمال ڪن پرائيويٽ لائن مينن خلاف به ڪيس داخل ڪرايا ويندا

سکر (رپورٽ:شڪيل عاجز) ن ليگ قيادت جي هدايتن تي عوام کي بجلي جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ نئين پنڊ سکر ۾ ڪليل ڪچهري ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

پٽ شاهه: رورل هيلٿ سينٽر جو عملو ايڊمنسٽريٽر خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

پٽ شاهه رورل هيلٿ سينٽر عملي پاران ايڊمنسٽريٽر خلاف احتجاج

ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف شجاعت سومري خلاف او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو

ايڊمنسٽريٽر جو رويو صحيح ناهي(مظاهرين) الزام غلط آهن: شجاعت سومرو

پٽ شاهه(ن پاڪ) پٽ شاهه رورل هيلٿ سينٽر جي ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف پاران ايڊمنسٽريٽر شجاعت سومرو خلاف او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري/ ڏسو صفحو 3 بقايا 4

ايس ٽي پي پاران بينظير پروگرام جي مستحق عورتن جي تذليل تيڻ خلاف احتجاجي ريلي

ايس ٽي پي هائوس کان ريلي نڪتي، تعلقي صدر مرتضيٰ سبزوئي ۽ ٻين اڳواڻي پڻ ڪئي

مستحق عورتن کان هزار کان 1500 سئو غيرقانوني ڪٽوتي ٿي رهي آهي: مرتضيٰ سبزوئي

آفيس انچارج صوفي سلامت بجاراڻي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آفيس ۾ مستحق ايندڙ عورتن جي تذليل ڪرڻ ۽ ايجنٽن خلاف ايس ٽي پي هائوس کان احتجاجي ريلي ڪڍي بينظير انڪم /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

ڪمشنر شهيد بينظير آباد پاران گرلز پرائمري اسڪول غلام حيدر شاهه جو دورو

ناقص انتظامن تي ڪاوڙ جو اظهار، عملي قدم کڻڻ جي هدايت

زير تعليم شاگردياڻين کي بهتر تعليم ۽ تربيت ڏيڻ لاءِ قدم کنيا وڃن: ڪمشنر

نواب شاهه (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ اڄ هتي ڏينهن پڙ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول غلام حيدر شاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

قلجي اسٽيشن: سگا جو مرڪزي اڳواڻ رفيق احمد جعفري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

تاريخدان ليڪ پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکو جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار

غلام محمد لاکو جو وڇوڙو سنڌ لاءِ وڏو نقصان آهي: رفيق احمد جعفري

هن جون ڪيل خدمتون ڪڏهن به نه وساريون وينديون: خالد حسين چنا جو تعزيتي بيان

قلجي اسٽيشن (ن پاڪ) گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو سنڌ جي ناميارا تاريخدان ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکو جي وڇوڙي تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 10

سکر مان بيلي ڪاٽي ڪامورن پاران روزانو چار سئو مڻ ڪاٺ وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف

فاريسٽ ڊويزنل ۽ رينج آفيسر سکر ڪئنالن جي ڪم جو بهانو بڻائي وڻن جي وادي ڪرائي سکر شهر جي خوبصورتي کي به تباهه ڪرڻ ۾ رڌل

سکر جي سٽي پوائنٽ لڳ دادو ۽ رائس ڪئنال ڪپرن تي بيٺل وڻن جي وادي جو عمل جاري

شهرين ۾ ڻاءُ پکڙيل، چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ سميت لاڳاپيل اختيارن کي نوٽيس وٺي وڻن جي وادي کي روڪرائڻ جي اپيل

سکر(بيورو رپورٽ) بيلي ڪاٽي سکر جي عملدارن جو ڪمال سکر جا بيلا تباهه ڪرڻ ڪانپوءِ شهر جا وڻ به ڪپائڻ لڳا ان سلسلي ۾ سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪم تي سکر جي ڪئنالن تان قبضا ختم ڪرائڻ بعد ڪئنالن جي ڪپرن تي سنڌ حڪومت طرفان ڪروڙين روپين جي لاڳت سان وٽڪاري مهم تحت وڻ پوکيا ويا/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

سکر:بيلي ڪاٽي مان وڍيل وڻ وڪري ڪرڻ لاءِ رکيل آهن

ساس پريالو جي دستوري گڏجاڻي، درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ جي مذمت

دستوري گڏجاڻي ۾ بلال عثمان ڀٽو، سجاد ميراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

آصف زرداري صدارتي اختيار استعمال ڪري منصوبو روڪرائي: اڳواڻ

خيرپور (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت پريالوءَ جي دستوري گڏجاڻي نئين ٿهيءَ جي شاعر بلال عثمان ڀٽو جي صدارت ۾ ٿي جنهن ۾ ناميارو شاعر سجاد ميراڻي کهاڻي سورن جو سفر، استاد ڪندن لال غزل ، اسد بلوچ غزل، ڏنل زخمي /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

لاڙڪاڻي ۾ ڌاڙيلن سرگرم، ڪرياني ۽ ايزي لوڊ جي دڪانن جي ڪاٽ، هزارن جي چوري، احتجاجي مظاهرو

چور دڪان مان به لک کان وڌيڪ ماليت جون موبائل فونون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن: عبدالحميد ڪنگو

واقعي جو اطلاع حد جي ٿاڻي تي ڏنو آهي، پر پوليس چورن خلاف ڪا به ڪاروائي ناهي ڪئي

ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺي چوري واپس ڪرائي امن قائم ڪرائين: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڪنگا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪنگا ۾ مبينا طور اڻڄاتل چورن ڪرياني ۽ ايزي لوڊ جي دڪان کي ڪاٽ هڻي روڪ رقم موبائيل فونون ۽ دڪان جو ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. ان سلسلي/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

لاڙڪاڻو: شهري چوري ٿيل سامان جي واپسي جي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

زمين تي قبضو ڪندڙ خاموش رهڻ لاءِ
ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن دادو واسي جي دانهن

دادو (ڊ ر): دادو جي ڳوٺ احمد خان زئونر جي رهواسي پورهيت محمد عارب زئونر دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته سندس /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

جي يو آئي اڳواڻن هميشه شهادتون ماڻي
قرباني ڏنيون آهن: مولانا مير محمد ميرڪ

خيرپور (ڊر) جي يو آئي جي صوبائي اڳواڻن مولانا مير محمد /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

شهري مزدور اتحاد يونين پاران وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان جي چونڊيل صدر کي واڌايون

مزدورن جي حقن لاءِ ڀرپور آواز اٿاريو ويندو: جمشيد احمد فيض

وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان وفاق ۾ رجسٽرڊ تنظيم آهي: ڳالهيون

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) شهري مزدور اتحاد يونين ڏهرڪي جي اڳواڻن محمد صادق لغاري خادم حسين ڀٽو لطف علي چڃڻ غلام/ڏسو صفحو 2 بقايا 22

اي سي خيرپور پاران شهر جو دورو، هٽرادو اگهه وٺندڙن تي ڏنڊ

ارسلان حيدر قلپوتو جون شهر جي مختلف هنڌن تي ڪارروايون

منافعي خورن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ٿيندي: اي سي

خيرپور (ڊر)خيرپور ۾ رمضان آرڊيننس تي عمل ڪرائڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر قلپوتو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور شيراز احمد /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

پاٽ شريف ۾ پورهيت جي گهر کي باهه، سامان سڙي رک

ميمڻ پاڙي ۾ شمن چانديو جي گهر کي اچانڪ باهه لڳي

ڪجهه به ناهي بچيو، منهنجي مالي مدد ڪئي وڃي: پورهيت

پاٽ شريف (ن پاڪ)، پاٽ شريف جي ميمڻ پاڙي ۾ پورهيت شمن چانديو جي گهر کي اچانڪ باهه لڳي وئي، باهه لڳڻ ڪري گهر ۾ پيل اناج /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

پاٽ شريف: پورهيت جي گهر کي لڳل باهه جو ڏيک، ٻي پاسي وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

لاڙڪاڻي ۾ وڳوڙين قبرستان ۾ قبرن کي باهه ڏئي ڇڏي، احتجاج

قبرن جي بيحرمتي ڪرڻ سان گڏ نقصان پڻ پهچايو ويو آهي: فدا حسين ڪوسو

واقعي جي جاچ ڪرائي ملوث جوابدارن کي قانون مطابق سخت سزا ڏني وڃي:مطالبو

لاڙڪاڻو بيورو رپورٽ) سنڌ جي ناليواري مشهور قديم درگاهن فقير محمد چٽل رح فقير محمد حيات رح جن جي مقبرن لڳ قديم قبرستان/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

دادو ۾ جساف بشير خان گروپ پاران درياهه تي ڏاڙي خلاف احتجاج

ثناءُ الله، سليم ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي نعريبازي پڻ ڪئي

سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ڪنهن به صورت ۾ نه ڏينداسين: اڳواڻن جو خطاب

دادو (ڊ ر): دادو ۾ جساف (بشير خان) گروپ پاران سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو اڳواڻن درياهه/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

بوائز هاءِ اسڪول ٽيڙهي ۾ استادن جي ٽريننگ لاءِ سيمينار

اهڙن سيمينارسان استادن جي صلاحيتن ۾ اضافو ٿيندو:ڊي اي او

سيمينار يونيسيف ۽ سولف جي سهڪار سان ٿيو، مهمانن کي تحفا پڻ پيش

خيرپور (ڊ ر) خيرپور بوائز هائي اسڪول ٽيڙهي ۾ نجي تنظيم يوني سيف ۽ سولف جي نگرانيءِ ۾ خيرپور ضلعي جي مختلف اسڪولن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڏاڍ تي ڪئنال ڪڍڻ زيادتي آهي: ايم علي شيخ

ڄامشورو ۾ شاگردن جي پرامن احتجاج تي پوليس سازش تحت تشدد ڪيو

واقعي ۾ ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: جاري ڪيل بيان

سکر(بيوروررپورٽ) سنڌ ترقي پسند پارٽي سکر ڊويزن جي صدر محمد علي شيخ هڪ بيان ۾ درياهه مان ڪينال ڪڍي سنڌ سڪائڻ جي سازش /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

فريدآباد شهر چورن حوالي، هڪ رات ۾ ٽن دڪانن کي ڪاٽ، شهرين جو ڌرڻو، ٽائرن کي باهه

شهرين دڪاندارن ايسوسيئيشن جي صدر شفيق احمد چنا جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

هڪ رات ۾ ٽن دڪانن کي ڪاٽ هنيو ويو آهي پولييس ڏوهارين سان مليل آهي، پريشان آهيون: شهري

شهر ۾ هر روز دڪانن کي ڪاٽ هڻي لکين روپين جون چوريون ڪرايون وڃن ٿيون، ايس ايس پي نوٽيس وٺي

فريدآباد (سڪندر علي بروهي) فريدآباد شهر ۾ بدامني/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

لاڙڪاڻو واسڻ جو مڙس سميت چاچي خلاف احتجاج

وقار سان پرڻو ڪرڻ کان بعد ڌمڪيون ملي رهيون آهن: عظميٰ

اسان جي زندگين کي خطرو آهي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

ملير (ڊ ر) لاڙڪاڻي واسي عورت عظميٰ پنهنجي مڙس وقار سان گڏ تحفظ لاءِ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير پهچي وئي، گهرڀاتين ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

ملير: لاڙڪاڻو واسڻ مڙس سميت چاچي خلاف دانهي رهي آهي

ڊونلڊ ٽرمپ يوڪرين لاءِ سموري
فوجي امداد روڪي ڇڏي

واشنگٽن (م ڊ) وائيٽ هائوس جي هڪ عهديدار ٻڌايو/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ڪراچي ۾ ٽن لکن کان مٿي پينو فقير پهچي چڪا

پينو مافيا بازارن، روڊن ۽ فٽ پاٿن جو رخ ڪري ورتو

عدالت پاران پنڻ تي پابندي باوجود فقيرن ديرا ڄمائي ورتا

ڪراچي (م ڊ) رمضان مهينو شروع ٿيندي ئي ملڪ جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي ۾ لکين پينو فقيرن انٽري ڏئي ڇڏي، جڏهن ته وڏيڪ پينن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ريلوي برج ڪالوني سکر جي ٻن مهينن کان بجلي ڪاٽا، علائقي واسي عذاب ۾ مبتلا

سوين گهراڻ جي جديد دور ۾ به اونداهه ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل

مڇرن جي يلغار به رهواسين جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي: روي ڪمار/عبدالڪريم عباسي

سيپڪو کي فوري طور تي ان زيادتي جو ازالو ڪرڻ گهرجي: ارباب سولنگي/ راجو مسيح

سکر(بيورو رپورٽ) ريلوي برج ڪالوني سکر جا رهواسي ٻن مهينن کان بجلي جي عدم دستيابي سبب سخت مشڪلاتن جو شڪار آهن رهواسين موجب سيپڪو بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي پوري ڪالوني جي بجلي منقطع ڪري ڇڏي آهي جنهن جي نتيجي ۾ سوين گهر /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

چوٽياريون پرسان پيٽرول پمپ مالڪ کان 15 لک ڪيش ڦر

موٽرسائيڪل سوارن عبدالمالڪ لغاري کي يرغمال پڻ بڻايو

ايس ايچ او نبي بخش لاشاري واقعي واري هنڌ پهتو، تفصيل ورتا

چوٽياريون(رپورٽ سيد لعل خان شاهه) ني جي مالڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

چوٽياريون: پوليس اهلڪار ڦر ٿيل واقعي واري هنڌ بيٺل آهن

پوليس چوٽياريون واقعي جي جوابدارن کي بچائڻ چاهي ٿي:فريادي ڌر

عدالتن تي اعتماد آهي، پوليس ڌر وارو ڪردار ادا ڪري پئي: فدا حسين جوٽيجو

علائقي ۾ هٿيارٻند اچن پيا، خونن سان سوديبازي هرگز نه ڪنداسين: عرفان جوٽيجو

چوٽياريون(رپورٽ سيد لعل خان شاهه) چوٽياريون/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ڊي سي گهوٽڪي شهر جي دوري تي نڪري پيو، بازارن جو دورو، شين جا اگهه معلوم ڪيا

ڊاڪٽر سيد محمد علي، اي سي کي ساڻ ڪري ڪنڊ جي اسٽال ۽ ٻين بازارن ۾ پهچي ويو

ڪنهن کي به من پسند اگهه وصول ڪري منافعي خوري ڪرڻ نه ڏينداسين: ڊپٽي ڪمشنر

هٽرادو اگهه مقرر ڪندڙ پنهنجو قبلو درست ڪن، ڳرا ڏنڊ لڳائي جيل موڪليو ويندو: هدايتون

گهوٽڪي(رپورٽ حاجي محمدمهر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي / ڏسو صفحو 3 بقايا 12

گهوٽڪي: ڊپٽي ڪمشنر سيد محمد علي شاهه شهر جي دوري دوران عام واهپي جي شين جا اگهه معلوم ڪري رهيو آهي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر _آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي